# سُپيريان جي ڳالهڙي

## (ڀارت جو سفرنامو)

نصرت ف.م لاشاري



CPCS

Center for Peace and Civil Society

2007

# سُپيريان جي ڳالهڙي

## (پارت جو سفرنامو)

نصرت ف.م لاشاري

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | سپيريان جي ڳالهڙي |
| موضوع: | سفرنامو |
| ليکڪ ۽ مرتب: | نصرت ف. م لاشاري |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| سال: | آڪٽوبر 2007ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلهه: | پنجاهه روپيا |

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**

سنڌيڪا ڪتاب -ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي- ڪانياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي گهر، حيدرآباد- پٽائي ڪتاب گهر، حيدرآباد- گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد- فڪشن هائوس، حيدرآباد- سجاڳي ڪتاب گهر، ايگريڪلچر ڪامپليڪس، حيدرآباد - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - گل ڪتاب گهر، شڪارپور - جنيد ڪتاب گهر، دادو - سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر، مارئي ڪتاب گهر، سکر - مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص - هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص، سنڌ بُڪ ڪلب، نوابشاهه


All Rights Reserved


**Book Title**: Superyan Jee Galhree

**Subject**: Travelogue

**Author:** Nusrat Lashari

**Year**: Oct. 2007

**Published by**: CPCS

سي پي سي ايس جي پبليڪيشن آفيسر منير چانڊيي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ستاءُ


| | | |
|---|---|---|
| پنهنجي پاران | | 6 |
| سنڌي ٻولي امر رهي | ـ امداد حسيني | 8 |
| **پيش لفظ** | | |
| "جڏهن سڄڻ سفر هليا" | ـ ناگپال | 10 |
| ڪراچيءَ کان دهليءَ | | 15 |
| دهليءَ ۾ ٽي ڏينهن | | 19 |
| دهليءَ کان لکنؤ ۽ ڪانپور تائين | | 27 |
| تاج محل آگرو | | 32 |
| بينگلور سليڪان ويلي | | 37 |
| بينگلور کان بمبئي | | 43 |
| **سڄڻ ۽ ساٿيهہ ڪنهن اٿاسيءَ وسري** | | |
| حيدرآباد ۾ هڪ ڏينهن | | 50 |
| احمد آباد | | 55 |
| اجمير شريف | | 58 |
| گلابي شهر جئپور | | 61 |
| دهليءَ ڏانهن واپسي | | 65 |
| سنڌ واپسي | | 68 |

# ارپنا

پنهنجو قلمي پورهيو ارپيان ٿي پنهنجي امڙ عزت
فاطمہ ۽ پنهنجي بابا فقير محمد لاشاريءَ کي، جنهن
سدائين قلم حق ۽ سچ لاءِ کنيو. ڪنهن بہ آمر اڳيان
نہ جهُڪيو. هُن جي اوچتي وڇوڙي هميشہ لاءِ ڏکن
سان پاند پائي ڇڏيو. "ڏک لڳو ڏونگر ڀريو" درد جي
اونداهيءَ ۾ سندس ياد روشن راهہ ٻڻيل آهي. پر هُن
جي وڃڻ جي وهي نہ هئي، فقط ٻائيتاليهہ سال بہ ڪا
وڏي عمر هوندي آهي؟

- نصرت لاشاري

# پنهنجي پاران

انڊيا جو منهنجو سفرنامو جيڪو منهنجو پنهنجو لکيل پهريون ڪتاب آهي، هن کان اڳ ۾ مون ذوالفقار علي ڀُٽو جا مختلف ٽي وي چينلن ۽ انٽرنيشنل اخبارن کي ڏنل انٽرويو سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آندا، جنهن جو ٽائيٽل Bhutto's Vision of Pakistan آهي، جيڪو مارڪيٽ ۾ موجود آهي. اهو انگريزيءَ ۾ هو ۽ هي سفرنامو سنڌيءَ ۾ آهي. هن جي هڪ هڪ لمحي کي مون امانت سمجهي لکيو آهي، امانت ان ڪري جو مان اُنهن ليکڪن جي گروپ جي ميمبر هيس جن سنڌ جي عام ماڻهن جي جذبن جي ترجماني پئي ڪئي. اُتي مون ڇا ڏٺو اهو سڀ توهان تائين پهچائڻ منهنجي فرض ۾ شامل هو جيڪو آءُ اُميد ٿي ڪريان ته هن ڪتاب کي پڙهي توهان پاڻ رايو ڏيئي سگهندؤ. اُتي وڃي مون سنڌ جي ماڻهن جي جذبن جو اظهار ڪيو.

ان کان اڳ مان ايران، اٽلي ۽ سوئزرلينڊ جهڙا سهڻا ملڪ گهمي آئي آهيان پر اهي امانت ان ڪري نه هئا جو ذاتي سفر هئا ۽ انڊيا مان ليکڪ جي حيثيت ۾ ويس سنڌ جي ترجمان بڻجي.

هن سفرنامي کي 2005ع جي ڊسمبر تائين شايع ٿي وڃڻ گهربو هو پر نوڪريءَ جون ذميواريون نڀائيندي وقت جي کوٽ ڪري ايتري دير ٿي. ٻيو سبب اهو به آهي ته مون هن سفر جي هر شهر جي تاريخي ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش به

ڪئي آهي. ان لاءِ انٽرنيٽ تان ڪافي مدد ملي ۽ پيو مون جيڪا وڊيو ريڪارڊنگ ڪئي هئي، ان مان بہ مدد ملي.

اُنهن سڄڻن جا ٿورا ضرور مڃيندس جن ۾ دادا سريش ڪيسواڻي، محترم قمر شهباز، دادا لڇمڻ ڪومل، دادا گوبند خوشحالاڻي، ڊاڪٽر سليمان شيخ،امداد حسيني صاحب ، دادا ناگپال، منهنجي امان، ڀينرن، اعجاز، پنهنجي پاءُ سارنگ ۽ ادا جامي چانڊيو جا جن جي مورل سپورٽ مون کي هيءُ ڪتاب لکڻ جي قابل بڻايو.

هن سفر جا ساٿي جيڪي هاڻ اسان ۾ ناهن رهيا، حسين شاهہ راشدي صاحب هجي ها تہ مٿي تي هٿ رکي شاباسي ڏئي ها. دادا هري بمبئي مان اي ميل ڪري، چاچا انور پيرزادو جنهن هن جون شروعاتي قسطون پڙهي خوشيءَ مان فون ڪيو هو ۽ چيو هئائين تہ، “نصرت پٽ I m very happy, keep it up”. هو هليا ويا آهن پر سندن محبتن جو سايو ساڻ آهي.

امداد صاحب چيو تہ ڳالهيون نہ ڪر، بس لکي ڏيکار. سو مون اڄ اهو واعدو پورو ڪيو آهي ۽ هن خواب کي حقيقت بڻائي ادا جامي چانڊيو مون تي وڏا ٿورا ڪري ڇڏيا آهن. شال سدائين خوش ۽ آباد هجي. هن ڪتاب ۾ ڪٿي بہ ڪا غلطي يا ڪچائي ڦڪائي هجي تہ معافيءَ جي طلبگار آهيان.

ساڻ سلامت

نُصرت ف مرلاشاري
**X: 506**
**Parsa View, Main Clifton**
**Road, Karachi.**
تاريخ: 10/10/2007

# سنڌي ٻولي امر رهي

نصرت لاشاري بہ اسان سان هِند۔ ياترا ۾ ساڻ هئي. ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪيس ماءُ، پيئرون رچنا، تخليق ۽ پاءُ سارنگ۔ ۽ مون کي سحر، ساونت ۽ وجدان اپڙائڻ آيا هئا ۽ ٻين دوستن کي سندن مِٽ مائٽ ۽ سنگتي ساٿي چڙهڻ آيا هئا. ايترا ڏينهن جو مان سحر کان پري وڃي رهيو هئس، سو ڪيس منهنجو اُلڪو هو پر هُن جڏهن نصرت ۽ ماهين کي ڏٺو تہ ٽڙي پئي ۽ کين منهنجي پارت ڪيائين۔ ۽ نصرت جي امڙ وري مون کي نصرت جي پارت ڪئي. نصرت جي امڙ کي ڏسي، مون نصرت کي ڪانئس انٽرويو وٺڻ وارو واعدو ياد ڏياريو ۽ هن تخليق تي ڳالهہ اُڇلائي وڌي. ان کان ڳچ عرصو پوءِ، هڪ فنڪشن مان، اسان کي نصرت جهڙوڪر کنيي ڪٽي وئي هئي. سندن فليٽ تي، اُتي هن جي امڙ جا وري بہ جهڙوڪر چاڪ چڪي پيا هئا. فقير محمد لاشاريءَ جي ڳالهہ ڪندي هن جا ڳچ پئي ڳريا! سو مون بہ سمجهي ورتو تہ نصرت جي امڙ جو انٽرويو ڪرڻ ڪيڏو نہ ڏکيو هو! خاص ڪري نصرت لاءِ! سو نصرت بہ شايد پهريون پيرو گهر کان ايترا ڏينهن پري وڃي رهي هئي، ان ڪري سندس امڙ جو اُلڪو واجب هو۔ پر جڏهن هن ڏٺو تہ نصرت پنهنجن سان آهي ۽ پنهنجن ڏانهن وڃي رهي آهي، تڏهن ئي هن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ آٿٿ مليو.

اهو سفر ڏاڍو ٿڪائيندڙ هو. بس، ٽرين، هوائي جهاز، هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين، هڪ فنڪشن مان ٻئي فنڪشن ۾، نيرن، مانجهاندو ۽ رات جي ماني، ڪانفرنسون، پيپر، ڪچهريون، راڳ رهاڻيون۔ ڳالهيون هيون جو کُٽيون نٿي ۽

وقت ويو ٿي ڪُٽندو! ۽ جڏهن لڇمڻ ڪومل آخري ڏينهن تي پنهنجي واچ منهنجي ڪرائيءَ ۾ ٻَڌي، تڏهن مون کيس اهو ٽي جملو چيو هو جيڪو لال پشپ کي ساڳي صورتحال ۾ چيو هوم ته، ”تو وري مون کي وقت ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي!“ ۽ نصرت جو هي سفرنامو پڙهي اسين ڪجهه پل وقت کان سمئہ کان مُڪت ٿي ٿا وڃون.

نصرت لاشاري اسان جي ساٿيءَ فقير محمد لاشاريءَ جي نياڻي آهي. ها هُن جي پهرين سُڃاڻپ آهي، پر هن جي هڪ الڳ سُڃاڻپ پڻ آهي. هوءَ پاڻ به هڪ ليکڪ آهي. اخبارن ۾ سندس ڪالم ڇپبا رهندا آهن. فقير محمد لاشاريءَ جي گڏريل ورسيءَ جي حوالي سان ”ڪاوش“ ۾ سندس ڪالم پڙهي کيس فون ڪيم. هُن جو لهجو هَنجن هاڻو هو ان ڪتنب لاءِ فقير محمد لاشاريءَ جو وڇوڙو اهڙو گهاءُ آهي، جو ڀرجڻو ناهي. پر فقير محمد لاشاريءَ جي شهادت وارو ڏيهاڙو ان گهاءُ کي تازو ڪري ڇڏي ٿو. اسين ڳچ دير فقير محمد لاشاريءَ جون ڳالهيون ڪندا رهياسين. سو فقير محمد لاشاريءَ جو لکڻ نصرت کي ورثي ۾ مليو آهي، جنهن جو ثبوت هيءُ ڪتاب ”ڀارت جو سفرنامو“ آهي، جيڪو توهان جي هٿن ۾ آهي.

هن سفر جي هڪ اهميت ته اها به آهي ته اسان جي هيڏي وڏي وفد مان صرف نصرت ئي انهيءَ هند ياترا کي قلمبند ڪيو آهي. سفرنامو پهرين ”عوامي آواز“ اخبار ۾ ڇپجڻ شروع ٿيو ۽ پوءِ ماهوار ”سرتيون“ ۾ قسطوار ڇپيو ۽ هاڻي ڪتابي صورت ۾ توهان جي هٿن ۾ آهي. هن لڙڪن ۽ مُرڪن کي پاڻ ۾ ڪيئن ملايو آهي- هن خوشبوءِ ۽ خوابن کي ڪيئن پاڻ ۾ سلهاڙيو آهي- هن گلن کي ڌاڳن ۾ ڪيئن پوئيو آهي، انهيءَ جو فيصلو توهان تي آهي- ۽ مون کي پڪ آهي ته اهو فيصلو نصرت جي حق ۾ ئي آهي! ڇو ته اهو توهان جو فيصلو پنهنجي ٻوليءَ جي حق ۾ آهي. انهيءَ سفر جا ڪجهه پانڌيڙا ڪٿي رهجي ويا آهن، بلڪ اڳتي وڌي ويا آهن. اُهي آهن هري موٽواڻي سنڌي، ڪرشن راهي ۽ حسين شاهه راشدي

مرنداســـين تـــــ دعـــــائون ان ۾
جيئنداســـين تــــ صـــــدائون ان ۾
جُـــڳ جڳانـــــدر تـــائين ســـائين
ســـــنڌي ٻـــولي امــــر رهـــــي!

**امداد حسيني**
**ڄامشورو- سنڌ**
4.9.07

پيش لفظ

# ”جڏهن سڄڻ سفر هليا“

سچ آهي تہ زندگي هڪ سفر ۽ ماڻهو مسافر آهي جو منزل نامعلوم ڏانهن پيو پنڌ پٽي. ڪڏهن ڪٿي ، تہ ڪڏهن ڪٿي آهي. چون ماڻهو پکيءَ کان بہ پري. ڪڏهن شهر تہ ڪڏهن ريگستان! پر هن منڌ منديل موهٽي مايا ۾ پنهنجو پاڻ وڃايو ڇڏي. ڪڏهن ڪنهن تي هرکي تہ ڪڏهن ڪنهن کي ڏسي مست ٿيو وڃي... اُداس، نراس ٿي وستيون ڇڏي واهڻ وسائي وينو. دل جي دنيا جا بہ عجب لقاءَ آهن. سوئي سنڏيندس سپرين ڪيوس جنهن ڪباب! تہ سفر جاري آهي اورچائيءَ سان. ڪيترا اُڏما اوسيئڙا ۽ اڪنڍ رڪندڙ هي سفر اصل ۾ سپنن جو هڪ اڪُٽ سلسلو آهي، جو هڪ سپني کان ٻئي تائين پيو جيو پاڻ پٽي. هڪ سپني جي ساپيا وري ڪيئي نون سپنن کي جنم ڏيو وجهي ۽ خواهشن جي پهاڙن تي هلندي جيو ڪامنائن جا ڪيترائي جبل اورانگهيو ٿڪيائي ٽرٽيل ٿيو پوي پر سفر کُٽڻ جو ناهي... هي تہ ڪيترن جنمن کان پيو پٽڪي، هر جنم ۾ ڪجهہ ٿاڪ ملن ٿا. ڪي چانورا پسي ٿو پر موهہ مايا جي سٽاءُ کي سمجهي نٿو سگهي. سندرتا جو سٽ ڪانئس ڪوريئڙي جي جار وانگر اُٽت ڪيو پاڻ ڦاسايو ڇڏي. هر دفعي اُلجهيو پئي. ڦٿڪيو پئي پر پاڻ ڇڏائي نہ ٿو سگهي. گيتا چواٽي تہ: ”هي جيو جَڙ پَدارٿن ۾ مُوهجي پنهنجي چِيتَنَ سروپ کي وساريو ڇڏي“
مان ڇا آهيان؟

هت چو آهيان؟
مون کي ڪرڻو ڇا آهي؟ جا ڪيترا سوال ڳَر ڪنيو اُڀا ٿيا بيٺا آهن. اڄ جي I.T جي دؤر ۾ ته ڪيس غور ڪرڻ جو به وقت ڪونهي!! ورندي ڪٿان ڏيندو. هي سپنن جو ڊگهو سلسلو ماڻهوءَ کي ڊوڙائي دوڙائي خود سپنو ڪيو ڇڏي. آڳاٽي وقت کان گيان ڌيان، معرفت ۽ شريعت جا سسلا ماڻهو پيو ٻُڌندو اچي پر جڏهن من مڃي!
حديث شريف آهي ته: "دنيا لاءِ ايترو ڪيو جيترو توهان کي هت رهڻو آهي ۽ آخرت لاءِ ايترو ميڙيو جيترو توهان کي اُتي رهڻو آهي." وري بخشش ڪيائون ته، "بنگلا جائيدادون نه خريد ڪريو نه ته اوهين اتان جا ٿي رهجي ويندا." هن دنيا کي ڍونڊ سڏيو ويو جنهن کي ڪُتا ڦولهن ٿا پر مجال آهي جو ماڻهو مڃي! شيڪسپيئر زندگيءَ جي هن سفر کي ڊرامو ۽ ماڻهوءَ کي اداڪار ڪري پيش ڪيو.
All the world is a stage and all the men and women merely players.
گذريل ٽيهن (30) سالن کان پاڙهيندي ٿڪجي پيو آهيان پر دنيا وانگر ان اتي منهنجو من نٿو موهجي. مون کي لطيف سرڪار جو اپٽار پيو موهي.

جا پونءِ پيري مون سا پونءِ مٿي سڄڻين،
ڏڱ لتبا ڏوڙ ۾ اُپي ڏناسون،
ڏينهن مڙيئي ڏون، اُتي لوچ لطيف چئي.

جنهن جي جيتري نظر هوندي، لطيف سائين کي هي سفر فقط ٻه ڏينهن ٿو لڳي ۽ اسان جي ته منزل ماڳ ئي اهو آهي.
ننڍي هوندي کان گرو گرنٿ صاحب پڙهندي ڪي سٽون لتڪايو ڇڏن. اهڙي ئي هڪڙي سٽ آهي:

"نانڱ جنان سلطان خانَ،
هوندين ڏٺي کيه."

نانڱ نالي کي چئبو آهي ۽ کيھ نج سنڌي لفظ آهي مٽيءَ لاءِ. ته جي وڏا بادشاهه (سلطان) ۽ خان سڏائيندا هئا انهن کي اکين سان مٽي ٿيندي ڏٺوسين. ڪٿي آهي بادشاهي ۽ جاگيررون؟ ته هي ته آهي زندگيءَ جو سفر جو اسين سڀ پيا سمجهون ۽ سکون.... سکي سگهون الائي نه اهو وري پيو پاسو آهي پر هتي ته مون پئي ادڙيءَ

نصرت لاشاريءَ جي هندستان جي سفر جو احوال لکيو... جو ڏاڍو سادي سلوڻي، معلوماتي ۽ دل لُڀائيندڙ سِٽن ۾ سهيڙيو اٿس. چو نہ! آخر آهي تہ هوءَ پنهنجي پياري يار فقير محمد لاشاريءَ جي ڌيءَ نہ! ڏٺي شل ڪيس اجان سگهارو ڪري ۽ زور بيان وڌائيس. ننڍڙي تهيءَ ۾ وڏا مامرا ڪنيو ويٺي آهي. هي ٽيڪنالاجيءَ جي دؤر جو ڪمال آهي، جتي ٻار ڪمپيوٽر کي ائين پيا هلائين جيئن ٻهراڙيءَ ۾ سارنگ بوڙيندو وڄائيندو وتي... ڪمپيوٽر ايج ۾ گهڻ ڄمار وارا ٻار وڏين قابليتن ۽ ڪمن جا ڪوڏيا ملن ٿا. وڏن عهدن تي پهچن ٿا ۽ وڏا ڪارناما بہ ڪن پيا. تازو ئي Dawn News چئنل واسطي انٽرويو ڪرڻ لاءِ بہ ڇوڪريون مون ڏي آيون، جن کي ڏسي منهنجي هڪ ڪليگ چيو تہ هي تہ ڪافي ڪم عمر آهن۔ تہ نصرت بہ گهڻ عمر ۾ گهڻيون ذميواريون کنيون آهن ۽ هوءَ حُسن ڪارڪردگيءَ سان انجام ڏئي پئي. سفرنامو ڪنهن کي ٻانهن جهلي اڻ ڏٺي ڏيهہ جو سير ڪرائڻو آهي، جنهن لاءِ بي ساخت ٻولي ۽ فطري انداز ۾ ڳالهہ رکڻ جو ڏانءُ اچڻ ضروري آهي. نصرت ڪافي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. ڪجهہ پراڻين روايتن کي ٽوڙيو اٿس. لکي ٿي، "هميشہ ڇوڪرين لاءِ چئبو آهي تہ دير ڪنديون آهن. پر اسين ان روايت کي ٽوڙيندي جلدي تيار ٿي هيٺ لهي آيون سين." سندس ٻولي سادي سلوڻي آهي. ڪجهہ صحتمند روايتن جو علم ڏنو اٿس، ٽريفڪ پوليس جي چالان جو طريقو، اندرا گانڌيءَ جي موت، ڀُٽي جو شملہ معاهدو ۽ ماڻهوءَ جي مجبوري ۽ مسئلا گهڻن ئي اسمن تي دلچسپيءَ سان ذڪر ڪندي سير ڪرائي پئي. ڪيترن تاريخي ۽ تهذيبي ڳالهين جو اپٽار ڪيو اٿس ۽ سربستي احوال سان هي معلومات عام جي بہ سري هيٺ اچي ويجي ٿو. جيڪو هڪ سفرنامي لاءِ نهايت ضروري آهي. اهڙن ماڻهن سان مکا ميلو ڪرائي پئي، جن کي عام پڙهندڙ نالن سان سڃاڻن ٿا ۽ انهن جي هيءَ گڏجاڻي ڪيس گهڻو لطف ڏئي ٿي. وري انٽرويو لاءِ ڪلڊيپ نيئر سان وڃڻ ۽ رستي ۾ بلڊنگ ۽ بازارن تي تبصرا جتي دهليءَ ۾ ڊفينس ڪراچيءَ جو ديدار ڪرائي پڙهندڙن کي پريائي پئي. سفارتخانن جو جهڳٽو هڪ ئي رستي تي ڪيس وڻي ٿو. اُبتڙ ڪراچيءَ جي ٽڙيل پکڙيل ايمبيسين جي (اسلام آباد ۾ ايمبيسيون هونديون آهن ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪائونسليٽ) ڪشمير مسئلي کي بين الاقوامي سياست جو ڦڏو ڄاڻائي پنهنجي

IQ جو اظهار ڪيو اٿس. هونءَ اڄ جي دنيا ۾ EQ ڏنو ويندو آهي ۽ اهي اسان جا جذباتي مسئلا وڏيڪ آهن - هو ڪاڏي پيتي، روڊ رستا، عمارتن کان وٺي سياست ۽ تاريخ تهذيب تي جيڪو قلم کڻي ٿي اهو نهايت ڪمائتو آهي جو اها اڄ جي سفرنامي جي جان آهي ۽ پڙهندڙن جي دلچسپي پڪڙڻ جو هنر. ورهاڱي فقط سنڌين کي ئي اڌو اڌ ڪيو ۽ پورو مڊل ڪلاس ۽ علم لُڏي ويو. هت اسان اهو ڪجهه نه ڪري سگهيا آهيون جو هو هُت ڪري چڪا آهن. غير، ڏاريا ۽ شرنارٿي ٿي ڪري به هنن تجارت، فلم، سماجي ڪم ۽ سرڪار تي پنهنجو ڏاڪو ڄمايو آهي. 130 ممبئي جي آشرمن مان 80 سنڌين جا آهن. ممبئي جي چئن وڏن اسپتالن مان 2 سنڌين جون آهن. اهڙيءَ طرح پنهنجي علم صلاحيتن سنڌالاجي قائم ڪرڻ، سرڪاري زبان جو رتبو سنڌي کي وٺي ڏيڻ وغيره سندن ڪمال آهي ۽ اسان جو زوال ته هتي اسان سندن سيني صلاحيتن کان محروم رهجي وياسين ۽ پلئه پيو آهي علم دشمن معاشرو. لباڙ ٻاڙ ۽ مفادن پرست سياست جا گهاٽا، جي الاجي ڪيترن ڪونڌرن کي ڪُهائي ويا ۽ رت جي اها راند جاري و ساري آهي. اسان جي سچاين ۽ وفادارين کي خريدار اڳواڻ نيلام ڪري پاڻ وڪٽيو چڙين. اڪين ڏنا ڪوڙا ڪائيندڙن، ڪال ڪوٺڙين ۾ پوڳيندڙ جلاوطن ٿي پاڻ بچائيندڙ ۽ قتل ٿيندڙ ڪوڙ ڪيترا جاننا جوان لئي متي ٿي ويا. اڄ تائين پاڻ ڪجهه به ڪري نه سگهيا آهيون، نظر به نٿو اچي، ڇڙو ڇڙ ۽ ورهايل هجڻ جي عذاب کان اجان پيا مار ڪائون. وجود جي بقا ۽ قومي تشخص لاءِ پاڙ پٽوڙيون. نارائڻ شيام جا لفظ اکين پيا نظر اچن:

"الا ايئن نه ٿئي ته ڪتابن ۾ پڙهجي،
هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي."

سو اهڙن سفرنامن ۾ پنهنجي قوم سان ڪيل ڪيس جي ورجايا ٿا وڃن، سي زلزلي وانگر ڌوڏيو ڇڏين. ڪاش ڪو ڪمال اتاترڪ يا مهاتير محمد ئي پيدا ٿئي. منڊيلا ۽ مائو کي گهٽا آواز ڏناسين، لينن، هوچيءَ منهه کي هوڪرا ڪياسين پر پاڻ ٻارڻ جو ميدان آهي واڪن ڪرڻ سان ڪجهه نه ورندو. ڪاش وارو اهو زمان پاڙي ٻنهه ڪم نه ايندو- سوچيون ۽ مڙون!

"ڏکيون جان نه مڙن، تان تان پنڻ نه ٿئي" مصداق مڙئون ته مامرا منجهندا نه. اتحاد ۽ اورچائيءَ اڳيان ڪجهه به ڏکيو نه آهي. ناممڪن جو لفظ ته نيپولين اڳ

ئي ڊڪشنريءَ مان ڦاڙي ڇڏيو آهي. بس سڃاڳ ٿيڻ جي دير آهي- تہ ادي نصرت لاشاريءَ جي ڪوشش سڦل آهي جنهن مون کي اهو احساس ڏياريو جيڪو توهان سان ونڊيم. باقي سنڌن زور شل اجان وڌي. لکائي ۾ جوش، پيار آهي. پر سنڌي لکڻيءَ جون ڪچايون، جملي جي جوڙجڪ، بيهڪ ۽ ويا ڪرڻ جون خوبيون سنڌس لکڻين ۾ مشق سان ئي مضبوط ٿينديون. سنڌس ڄمار، تجربي، مشاهدي ۽ مطالعي جي پڪي پختي ٿيڻ سان کي ڳُٽائتا گهاڙيتا ۽ علمي ادبي تصنيفون بہ تخليق ٿي وينديون. گهڻن ڪمن هوندي بہ هو جو ڪجهہ لکي سگهي ٿي ۽ سڀ ڪجهہ شانائتا انجام ڏئي پئي تہ ڪيس جس ڏيڻ واجب آهي- تہ آئون ڪيس چوندس Bravo! Nusrat. اها لگن ۽ اورچائي توکي نصرت ضرور عطا ٿيندي جو تو اڳيان فقير محمد جو ماڊل موجود آهي.

Awake, Strive, Struggle and nest not till the goal is achieved.

ڪرڪٽا لاهي سڪ نہ ستا ڪڏهن،
اوسيئڙو آهي ڪاهوڙين کي پنڌ جو!

(شاهہ)

ناگپال

# ڪراچيءَ کان دهلي

ڪافي ڏينهن کان پيرَ جي ترين ۾ خارش پئي محسوس ڪيم. وڏڙن جو چوڻ آهي ته جڏهن پير جي ترين ۾ خارش ٿئي ته سفر جي سنبت هوندي آهي، سو مون سان به ايئن ئي ٿيو. انڊيا مان سنڌ جي اديبن، شاعرن، ليکڪن، ڪهاڻيڪارن ۽ صحافين کي سنڌي اڪيڊمي دهليءَ پاران دعوت موڪلي ويئي ته اچي انڊيا ۾ پريت جا پير گهمائي انهن سان ملي وڃو جيڪي "هئا اڳي ئي گڏ، ٻُڌڻ ۾ به ٿيا" اٺونجاهه سال اڳ پنهنجو ديس، پنهنجا گهر، گهٽيون، مندر، شهر، واهڻ، وسنديون، لاڙڪاڻو سکر، ساڌ ٻيلو خدا آباد، سيوهڻ، حيدرآباد ۽ پوري سنڌ ڇڏي هليا ويا. پاڻ سان سنڌ جي سار ته کڻي ويا پر وڇوڙي جو درد اڌ پاڻ کڻي هليا ۽ اڌ هتي رهجي ويلن کي ڏيئي ويا. جيڪو اڌ صدي گذرڻ جي باوجود گهٽجي ناهي سگهيو. ويتر ان ۾ اضافو ٿيو آهي، انهن وڇڙي ويل پنهنجن ساريو هو اسان کي، سڪ جو سڏ موڪليو هئائون، ڪيئن نه وڃون ها انهن پنهنجن ڏي، جن کي ڏٺي ڏينهن ٿيا هئا.

سنڌي اڪيڊمي دهليءَ پاران وڇڙيلن کي ملائڻ جي جڏهن دعوت مون ڏانهن به آئي ته مون اها قبول ڪئي، آفيس مان ٻاويهه ڏينهن موڪل وٺي سنبري پيس، سورنهن سيپٽمبر تي يارهن لڳي پنجيتاليهه منٽن مهل ڪراچي ايئرپورٽ کان دهليءَ لاءِ پي آءِ اي جي جهاز جو ٽائيم طئه ٿيل هو. گهر وارن ڏاڍي پيار سان سفر لاءِ سنبرايو هو. سارنگ، امان، رچنا، اعجاز ۽ تخليق ايئرپورٽ ڇڏڻ آيا. موڪلائڻ مهل سپني جا منهن لٿل هئا، پوءِ به دعائن سان موڪلايائون.

آهستي آهستي انڊيا وڃڻ وارا سڀ اديب ايئرپورٽ تي گڏ ٿيڻ لڳاسين. اسان سان گڏ فنڪارن جو به جٿو ساڻ هو. اديبن ۾ اسان جي ڊيليگيشن جي

اڳواڻي قمر شهباز پئي ڪئي. اسين ٽوٽل چوٽيهه ڄڻا وفد ۾ شامل هئاسين، جن ۾ نوَ عورتون ۽ باقي مرد هئا. سينيئرن ۾ شمشيرالحيدري، حميد سنڌي، حسين شاهه راشدي، پروين راڄپر، شبنم موتي، سليم ميمڻ، امداد حسيني، شوڪت حسين شورو، اسحاق سميجو اياز گل، ادل سومرو، احمد سولنگي، عرفان عباسي، انعام شيخ، ماهين هيسباڻي، حميد پنهور ۽ فنڪارائون سونيا ڪنول، نرما ڪنول، انهن جي والده، صائمه منظور، سجاد يوسف، برڪت علي، صادق فقير، مظهر علي، ذوالفقار علي، سنڌ ٽي ويءَ جو ڪئميرا مين عارف بلوچ شامل هو. آمريڪا مان ادا اسحاق تنيو ۽ سندس سهڻي جيون ساٿياڻي ممتاز پنهور به شامل هئا. سحر امداد پنهنجي جيون ساٿيءَ کي ايئرپورٽ ڇڏڻ آئي هئي. اصل ۾ اسان جي هن سفر لاءِ سحر جي ويزا به ٿي هئي پر ڪيس سنڌ يونيورسٽيءَ مان اين او سي نه ملي، جنهن ڪري هو نه هلي سگهي، موڪلائڻ مهل چوڻ لڳي امداد جي پارٽ اٿوَ مون کلي چيومانس، "امداد صاحب کي اسان جي پارٽ ڪريو. وڏا ننڍن جي سنڀال ڪندا آهن." کلي پئي، ائين سڀني کان موڪلائي اچي بورڊنگ پاس ۽ ٻيا ضروري پنا هڪ پيرو ٻيهر چيڪ ڪيا ته متان ڪجهه رهجي ويو هجي، سڀ ڪارروايون پوريون ڪري اچي لائونج ۾ ويٺاسين. چوٽيهه ميمبرن مان اسين ستاويهه ڄڻا اڄ روانا ٿياسون، پنج ڄڻا ٽرين رستي واگها وٽان لاهور کان دهلي ايندا، باقي به ڄڻا حميد سنڌي ۽ وسند ٽري 24 سيپٽمبر تي دهلي پهچندا.

ڪراچي ايئرپورٽ تي اسان سڀني پنهنجون ڪئميرائون ڪڍي فوٽو گرافي ڪرڻ شروع ڪئي. حسين شاهه راشدي، قمر شهباز ۽ پروين راڄپر سان گڏ فوٽو ڪڍرايا، جهاز ۾ سوار ٿيڻ کانپوءِ به ساڳيو سلسلو جاري هو. پنهنجين پنهنجين سيٽن تي ويٺاسين، سفر لاءِ سوين خيال دل ۾ ڪٺي نڪتا هئاسون، مون کي ڊاڪٽر سليمان شيخ جا لفظ پيا ياد اچن. منهنجي موڪل منظور ڪرڻ مهل چوڻ لڳا، "هن کي نٿا روڪي سگهون، هي اباڻين تي وڃي." واقعي مون وٽ به ساڳي فيلنگ هئي. جهاز بلڪل ٽائيم تي ٽيڪ آف ڪيو، مان ۽ ماهين هيسباڻي گڏ ويٺيون سين. ادا اسحاق تنيو جنهن لازوال گيت لکيو آهي، "هن جنم، هُن جنم لاءِ وڇن ٽوڪريان، مان جتي به هجان سنڌ تنهنجو ٿيان" وري ان کي عابده پروين ايترو ئي سهڻو ڳايو آهي، خاص هن ڊيليگيشن ۾ پنهنجي ونيءَ سودو آمريڪا جي روشنين واري شهر شڪاگو مان دهليءَ آيا هئا، هڪ ٻي ڳالهه ته منهنجي ڳوٺ گاجي کهاوڙ جي پرسان وارهه شهر جيڪو اڳ تعلقو هو هاڻي ان کي قمبر ۾ شامل ڪري

سندس تاريخي حيثيت کي ڏک رسايو ويو آهي. اتان کان واقف نہ هئس تہ ادا اسحاق بابا جو ڪيترو ويجهو دوست هو. آپا ممتاز سان بہ ڪچهرين. خيالن جي ڏي وٺ شروع ٿي. هن سچي سفر ۾ هندستان وارن. اسان تي اهو بہ احسان ڪيو جو جيڪي ليکڪ پنهنجي پيٽ پوجا ۾ روز مرهہ جي زندگيءَ جي معاملن ۾ مصروف رهڻ ڪري هڪٻئي سان رابطا نہ رکڻ ڪري هڪٻئي کي سمجهي نہ سگهيا. تن جي هن سفر دوران هڪٻئي جي روبرو، عادتن ۾ گهٽين ڳالهين جي ڄاڻ ملي. چو تہ چئبو آهي تہ ماڻهوءَ کي ٻن جاين تي پرکبو آهي. هڪ مانيءَ جي ٽيبل تي ۽ ٻيو وري سفر ۾. اسين سڀ سفر ۾ بہ گڏ هئاسين ۽ ان ۾ ئي ڪيترا ڀيرا ماني بہ گڏجي کائڻ جو موقعو مليو ۽ هڪٻئي کي پرکڻ جو بہ.

ڪراچيءَ کان دهليءَ جهاز ۾ هڪ ڪلاڪ ۽ پنجاهہ منٽن جو سفر آهي. اسان سان مزو تڏهن ٿيو جو دهليءَ پهچي ايئرپورٽ تي لهڻ ۾ باقي ڏهہ منٽ مس هئا تہ جهاز ۾ اعلان ٿيو خواتين و حضرات، ڏيان سان ٻڌو اسين هينئر دهلي شهر جي ايئرپورٽ کان فقط ڏهن منٽن جي فاصلي تي آهيون. تيز برسات ۽ کنوڻ جي ڪري اسان کي ايئرپورٽ تي لهڻ لاءِ اجازت نہ پئي ملي. جنهن ڪري واپس ڪراچي پيا هلون. ايئن ڪندي جهاز مڙي ساڳيو رخ ڪيو جتان اسين ڏيڍ ڪلاڪ اڳ روانا ٿيا هئاسين. سيني جا منهن لهي ويا. دهلي ايئرپورٽ تي اسان کي رسيو ڪرڻ لاءِ آيلن جو انتظار ٻيڻو ٿي ويو. ڪراچي ايئرپورٽ تي واپس پهچي سيني پنهنجا موبائل فون ڪڍي گهر فون ڪيا تہ گهر وارن جي حيرت ڏسڻ جهڙي هئي. خير اسان کي جهاز ۾ ئي ويهڻ لاءِ چيو ويو. جهاز ۾ فيول جي ريفلنگ ٿي، تقريباً چاليهہ منٽ انتظار ڪرڻ کانپوءِ وري اسان واري جهاز آسمان ۾ اُڏامڻ شروع ڪيو. انعام شيخ چيو "الائي ڪهڙي اديب جي پِٽ لڳي، جنهن کي نٽا وٺي وجون." ان تي سيئي کلي پيا. خير سان ٻيهر هڪ ڪلاڪ پنجاهہ منٽن جو سفر ڪري نيٺ دهلي ايئرپورٽ تي تيز برسات ۾ اسان جي جهاز پارت جي شهر دهلي، جيڪا مغلن جي تاريخ، تاريخي جاين ۽ حڪومتن جي گواهہ هئي، جي ڌرتيءَ تي پير رکيا. جهاز مان لهي آياسين تہ انٽرنيشنل ارائيول تي اسان کي فارم ڏنا ويا تہ هي ڀريو جنهن ۾ اسان کي انڊيا اچڻ جو مقصد، قيام، اهي شهر جن ۾ وڃڻو هو، هتي اسان ڪنهن جا مهمان هئاسون ۽ ٻيا تفصيل لکڻا هئا. ان ۾ ڪافي دير لڳي پئي، تقريباً ڪلاڪ. ساڍي چئين وڳي سڀ فارملٽيون پوريون ڪري اسان ٻاهر آياسين، جتي اسان کي رسيو ڪرڻ لاءِ نيڻ وڃائي ويٺل ديدي رينو ادناٽي، سريش

سچديو شري ڪانت پاٽيا، دادا لڇمڻ پاٽيا، هيرو ٺڪر ۽ خاص اسان جي آڌر ڀاءَ لاءِ بمبئي مان آيل دادا هري موٽواڻي گلاب جي گلن ۽ چندن هارن سان اسان کي پليڪار ڇيو. اسان کي ايڏو سهڻي نموني ويلڪم ڪيو ويو جو ٻيڻو سفر ڪرڻ وارو ٿڪ بہ وسري ويو. انڊين ٽائيم مطابق پنجين وڳي اسين تيز وسندڙ مينهن ۾ ايئرپورٽ بلڊنگ ڪان ٻاهر آياسين. گاڏين ۾ سوار ٿيڻ لاءِ، ستن لينڊ ڪروزر گاڏين ۾ چڙهي دهليءَ جي رستن تي مينهن جي تيز وسڪاري ۾ بہ پنهنجي ڪم تان موٽندڙ مرد توڙي عورتون ايئرپورٽ ڪان ٻاهر روڊ جي ٻنهي پاسن بيٺل نظر آيا. هن روڊ تي ائين ٽريفڪ جام هئي، جيئن مينهن وسڻ ڪانپوءِ ڪراچي ايئرپورٽ ڪان ڪلفٽن ايندي ڪلاڪن جا ڪلاڪ لڳيو وڃن. سو اسان کي بہ ٽريفڪ ۾ ڦاسندي نڪرندي ڪارول باغ ۾ اسان لاءِ بڪ ٿيل هوٽل تائين پهچندي اڍائي ڪلاڪ لڳي ويا. اسان واري گاڏيءَ ۾ مان، ماهين، حُسين شاهہ راشدي، شبم موتي، سليم ميمڻ، ادا اسحاق تنيو ۽ آپا ممتاز هئاسين. دهلي شهر جي وڏاهہ ڏسڻ جهڙي هئي. رستن تي هلندڙ موٽر سائيڪلون مردن ڪان وڌيڪ عورتن پئي هلايون، اهو ڏسي عورت جي آزاديءَ جي هن نئينڙي احساس سان خوشي ٿي.

دهلي تمام وڏو شهر آهي. رستا تقريباً ڪراچيءَ جهڙا ئي اٿس. هتي بہ ڪٿي روڊن تي ڪنسٽرڪشن جو ڪم پئي هليو. ڪراچيءَ وانگر دهليءَ جي ڪُل آبادي هڪ ڪروڙ چاليهہ لک آهي، هي شهر ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، هڪ نئين دهلي، ٻيو پراڻي دهلي. ڳتيل آباديءَ وارو هي شهر ڀارت جو ڪيپيٽل آهي. هتي فيڊرل گورنمينٽ سان گڏ دهلي صوبي جي صوبائي حڪومت بہ آهي. مختلف رستا ٽپندا نيٺ اچي ڪارول باغ جي ان علائقي ۾ پهتاسين، جتي اسان جا ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ ڪمرا بُڪ ٿيل هئا. هتي اسان کي فريش ٿيڻ لاءِ ہ ڪلاڪ مليل هئا. ان ڪان پوءِ اسان جي ڊنر دادا سريش ڪيسواڻيءَ جي گهر هئي. سريش جي لاڙڪاڻي جائو آهي، سنڌي اڪيڊميءَ جو سربراهہ ۽ پارليامينٽ جو ميمبر بہ آهي. سريش هند ۽ سنڌ جي اديبن کي ملائڻ ۽ ٻوليءَ جي بقا لاءِ جيڪا سهڻي روايت وڌي آهي، تنهن کي ساراهڻ لاءِ لفظ ڪونهن!

# دهليءَ ۾ ٽي ڏينهن

ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ سيئي پنهنجن ڪمرن ۾ وڃي ٿانيڪا ٿيا. آءٌ ۽ ماهين هيسباٽي روم نمبر 210 الاٽ ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجون بيگون هوٽل اسٽاف جي چوڪرن ڪان ڪٽائي پنهنجي ڪمري ۾ پهتيون سين. مينهن جو سلسلو ساڳي رفتار سان جاري هو. ڪرول باغ جو علائقو نئين دهليءَ جي بلڪل وچ ۾ آهي، جيئن ڪراچيءَ جو صدر آهي، ايئن. هوٽل جي ڀرسان پاسي پي سي اوز هئا. سامهون باغ هو. باغ سان گڏ گهٽيءَ ۾ باندرا بازار هئي، جتي شاپنگ لاءِ هر طرح جو سامان موجود هو. اها معلومات اسان هيلپر چوڪري ڪان ورتي. ڪلاڪ ڪان پوءِ رسيپشن تان فون وڄڻ شروع ٿيا تہ سريش صاحب جي گهر وڃڻ لاءِ گاڏيون تيار آهن. سڀ لهي اچو.

هميشہ چوڪرين لاءِ چئبو آهي تہ دير ڪنديو آهن پر اسين ان روايت کي ٽوڙيندي جلدي تيار ٿي هيٺ لهي آيون سين. سڀ تيار بيٺا هئا روانگيءَ لاءِ. پنجن پجارو گاڏين ۾ سوار ٿي سريش ڪيسواڻيءَ جي گهر ڏانهن روانا ٿياسين. اسان واري گاڏيءَ ۾ سليم ميمڻ ان جي مسز شبم موتي، حسين شاهہ راشدي، امداد حسيني ۽ شوڪت شورو ويٺا. دهليءَ جي رستن تان گذرندي آسپاس جي جن جاين کي ڪراس پئي ڪيوسين، انهن کي توجهہ سان پئي ڏٺوسين. جيئن هڪ ديس کان ٻئي ديس وڃڻ وارا اڪثر ڪندا آهن. چؤواٽا ڏاڍا ڪشادا ۽ سهڻا ٺهيل هئا. ڪٿي وڏا ڪٿي ننڍا. ان سان گڏ ٽريفڪ بہ ڪراچيءَ وانگر گهٽي هئي، پر

ٽريفڪ پوليس وارا تمام گهٽ نظر پئي آيا. پوءِ سگنل تي سيني سان بيهي پنهنجي سگنل کلڻ جو انتظار پئي ڪيوسين. ڊرائيور ٻڌايو تہ هتي جيڪڏهن ڪو سگنل ٽوڙي ٻہ وڃي تہ پوليس ان مهل ڪابہ ڪارروائي نہ ڪندي, ان ڪري جو متان ڪا ايمرجنسي هجي. گاڏيءَ جو نمبر نوٽ ڪري ڪيس گهر جي ايڊريس تي چالان موڪلبو آهي. اڌ ڪلاڪ جي ڊرائيونگ ڪانپوءِ ڊرائيور ٻڌايو تہ ساڄي هٿ تي نظر ايندڙ ميدان ۾ گانڌي خاندان جون سماڌيون آهن. جنهن ۾ مهاتما گانڌي, اندرا گانڌي ۽ راجيو گانڌي شامل آهن, جيڪي ڀارت جا وزيراعظم رهي چڪا آهن, جن مان اندرا گانڌيءَ جو موت هڪ سک ڀاران گوليءَ هڻڻ سان ٿيو ۽ سندس پٽ راجيو گانڌيءَ کي 1991ع ۾ هڪ جلسي دوران آپگهاتي حملي ۾ قتل ڪيو ويو. اندران گانڌي ذوالفقار علي ڀُٽي جيان پنهنجي ملڪ جي توڙي انٽرنيشنل سياست جو هڪ اهم ڪردار هئي. مرڪ واري مکڙي تي سدائين رونق هوندي هيس. اندرا ۽ ذوالفقار علي ڀٽو ٻئي ننڍي کنڊ جا اهڙا سياستدان هئا جن کي پنهنجن پنهنجن ملڪن جون واڳون ان مهل سنڀالڻ لاءِ مليون جڏهن ملڪ انتهائي ڏکئي وقت مان گذري رهيا هئا. ان وقت هنن باشعور ليڊرن سياسي سمجهہ کان ڪم وٺندي وقت جي اهميت کي نظر ۾ رکندي تمام اهم فيصلا ڪيا, جن ۾ سيني کان اهم شملا معاهدو (2 جون 1972ع) هو جنهن هيٺ پاڪستاني فوج جا جنگي قيدي جن جو تعداد 93 هزار هو ڀارت کان آزاد ڪرايا ويا.

ڏکڻ ايشيا جي هنن ٻن ليڊرن جي ڪوشش کان پوءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ جنگيون لڳڻ جو سلسلو بند ٿيو ۽ ٻئي ملڪ سٺن پاڙيسرين جيان پنهنجو ناتو نڀائڻ لڳا, جيتوڻيڪ ڪشمير مسئلو گڏوگڏ هلندو رهيو. تقريباً چاليهن منٽن جي ڊرائيونگ کان پوءِ ڪيسواڻي هائوس دهلي پهتاسين, مينهن تيز ٿي ڪو هو. ڪيسواڻي هائوس کي سهڻي نموني لائيٽنگ سان سجايو ويو هو. هڪ هزار گز جي ڊبل اسٽوري بنگلي جي هيٺئين پورشن ۾ ڪيسواڻي صاحب جي آفيس هئي, مٿي رهائش. اسان لاءِ مانيءَ جو بندوبست هيٺ ٿيل هو ۽ راڳ جي محفل مٿي هئي, هتي مسٽر ۽ مسز سچديو سريش ڪيسواڻي, ديپڪ, سندر اگناڻي, اوما لالا, رينو ادناڻي, مايا راهي, ڪرشن راهي, گيهاڻي ۽ ٻيا اديب مختلف شهرن مان اسان سان ملڻ آيا هئا. مانيءَ ۾ ڪيترائي گوشت ۽ سبزين جا طعام هئا, سلاد ۽ ڪولڊرنڪس هيون, چڪن جا ڪباب ۽ پالڪ پنير, پوريون, دال وغيره موجود هئا. هن ملاقات ۾ اسين سڀ هڪٻئي سان تعارف ڪرائڻ ۾ مصروف هئاسين.

تقريباً ساڍي يارهين لڳي اسان جي واپسي هوٽل ڏانهن ٿي. اتي پهچندي اهو ٻڌايو ويو تہ سياڻي منجهند جو گيهاٽي آفيسرز ڪلب ۾ اسان جي دعوت ڪئي آهي، صبح جو نائين ڪان ٻارهين تائين جنهن کي شاپنگ ڪرڻي هجي يا ڪو پنهنجو ڪم ڪار هجي تہ ڪجو. اسين گاڏي هٿ ڪري صبح جو ڏهين وڳي اڌ ڪلاڪ جي ڊرائيو ڪري پالڪي بازار روانا ٿياسين. هيءَ بازار شهر جي وچ ۾ هئي. مٿان سائي پهاڙي، ان پهاڙيءَ ۾ اندر ڏهہ پندرهن ڏاڪا لهي وڃي جو ڏسون تہ ڇا حَسين بازار هئي، اتي مون کي بابا وڏي (منهنجي ڏاڏي محمد حسن لاشاري) پاران ننڍپڻ ۾ ٻُڌايل ڪهاڻين ۾ پرستان جي پرين جي ڪهاڻي ياد آئي، مرڪي پيس. ماهين پڇيو "ڇا ٿيو؟" کلي چيومانس، "هتان جون پريون سيئي بنا ٻانهن جي ڪپڙا ٿيون پائين ۽ رنگ جون بہ سانوريون آهن." بازارن ۾ دڪانن ٻاهران ڏاڪڻين وٽ ننڍا ننڍا مندر هئا، ڀڳوان جي سامهون ڪافور جو دونهون ڪيو ويو هو. هر مذهب ۾ صبح جي شروعات ڏٺيءَ جي نالي سان ڪبي آهي، جيئن اسان وٽ صبح جو ياسين شريف پڙهي گهران نڪربو آهي ۽ هتي پوڄا پاٺ ڪري ڀڳوان کي پيٽا ڏني ويندي آهي. هتان جا دڪاندار وڏا ٺڳ هئا، هر شيءِ جي قيمت ٻيڻي پئي ٻڌايائون. مون بہ ساڙهيون ورتوين، پروين راڄپر، ممتاز پٽو شبنم موتي ۽ ماهين بہ ٿوري شاپنگ ڪئي. شاپنگ ان ڪري بہ گهٽ ڪئيسين جو اڃا اسان کي بمبئي ۽ حيدرآباد دکن مان شاپنگ ڪرڻي هئي، پر پوءِ بہ اسان ماين ڪان وڏيڪ ساڙهيون حسين شاهہ راشديءَ ورتيون. اسان کلي کيس تنگ ڪرڻ لڳاسين، "ايڏيون ساڙهيون ڪنهن جي لاءِ آهن؟" راشدي صاحب مخصوص مرڪندي جواب ڏنو. "بس ابا ٻچڙيوال آهيون." ائين مختصر شاپنگ ڪري هوٽل واپس پهتاسين تہ دعوت ۾ وڃڻ لاءِ سيئي تيار هئا، اسان بہ ڪمري ۾ وڃي ڏهن منٽن ۾ فريش ٿي هيٺ پهتاسين. سيئي گاڏين ۾ سوار پئي ٿيا، آفيسرز ڪلب دهليءَ جي پوش علائقي ۾ هئي، جن رستن تان گذر ٿيو اتي دهلي گورنمينٽ جي وزيرن جا سرڪاري بنگلا هئا. ٻنهي پاسي تمام ڪشاده روڊ، ساوا ڇهچ وڻ شهر جي سونهن ۾ حَسين اضافو بڻيل هئا. اسان جي اڳيان اڇي ماروتي ڪار پئي ويئي، خبر پئي تہ ايڏي ماڊرن دؤر ۾ بہ هتان جا وزير مشير توڙي پارليامينٽ جا ميمبر انهن گاڏين ڪان سواءِ ڪنهن ٻي لگزري گاڏيءَ ۾ سفر نہ ٿا ڪري سگهن. سرڪاري عهدن تان لهڻ ڪان پوءِ سندن مرضي. خان مارڪيٽ ڪان اڳيان خوبصورت چؤواٽو ٽپياسين تہ هڪ گهر تي راجيو گانڌيءَ جو گهر لکيل هو. سيني جو ڏيان ان پاسي ڇڪجي

ويو. دعوت ۾ اسان کي ويلڪم ڪيو ويو. گيهاڻي صاحب تمام وڏو انڊسٽريلسٽ آهي، ائڪٽو سنڌي آهي، پارٽ مان پاڪستان آيل اديبن سان گڏ پاڻ بہ شامل هو.

مان اسٽل ڪئميرا سان گڏ هينڊي ڪئميرا بہ رڪارڊنگ لاءِ کڻي وئي هيس. عاليشان دعوت کان پوءِ فوٽو گرافي ڪري اتان اسان لاءِ رشين ڪلچرل سينٽر ۾ تعارفي شروعاتي پروگرام رٿيل هو اُتي پهتاسين. هال ۾ هزار ماڻهن جي گنجائش هئي، اسان مهمانن لاءِ هڪ پورشن ريزرو ٿيل هو. هتي دادا هري موتواڻي ڪونج رسالي جو ايڊيٽر ۽ سنڌ جو سچو عاشق، ڊاڪٽر موتي پرڪاش، رام جيٺملاڻي، پارليامينٽ جو ميمبر ۽ قانوني ماهر هجڻ سان گڏوگڏ ايل ڪي آڏواڻيءَ جو ويجهو دوست پڻ آهي. پروگرام جو سلسلو اسٽيج جي ڪاهي پاسي رکيل ميڻ بتيون ٻاري شروع ڪيو ويو. اسٽيج تي اسان جي وفد جي اڳواڻي ڪندڙ قمر شهباز، سريش ڪيسواڻي، لڇمڻ ڪومل ۽ ٻين کي ويهاريو ويو. اسان مهمانن تي گلن جي ورکا ڪئي وئي. سنڌي اڪيڊمي دهليءَ جي سهڻي سنڌياڻي مينو بليو ساڙهيءَ ۾ سُندر پئي لڳي. ان سڀني مهمانن کي ڳاڙهي رنگ جون چُنريون پارايون. ان ڪانپوءِ تاج بلوچ پنهنجي شاعري ٻُڌائي. امداد حسينيءَ پنهنجو غزل ٻڌايو. تقريرن ۾ جيڪا سڀني کان اهم تقرير هئي اها رام جيٺملاڻيءَ ڪئي. سنڌين لاءِ چيائين تہ اسين دنيا ۾ ڪٿي بہ هجون، ڪيڏي بہ ترقي ڪري وڃون، جيستائين اسان مان چڙهت، چغلي ۽ گلا ڪرڻ جي عادت ختم نہ ٿيندي، تيستائين اسان ڪابہ ترقي نٿا ڪري سگهون. رام جي جيئن تہ مڃيل وڪيل آهي، سنڌ مان گهڻي دير سان لڏي ويو هو. سندس تقرير جو فن ڏاڍو وڻندڙ هو. هتي رتنا گوديا سان ملاقات ٿي هئي. مردن جهڙي مائي هئي، بولڊنس ۾ بہ هئي تہ پنهنجين لکڻين ۾ بہ. پروگرام ختم ٿيو تہ سڀئي چانهہ پيئڻ لاءِ گڏ ٿياسين.

هتان فارغ ٿي رات جي ماني‌ءَ تي دهليءَ جي سي ايم محترمہ شيلا ڊڪشت جي گهر ڊنر تي وڃڻ لاءِ گاڏين ۾ سوار ٿياسين. دهليءَ جي مختلف رستن تان ٿيندا سي ايم هائوس جي عاليشان بلڊنگ جي گيٽ تي اچي بيهاسين. گيٽ جي ٻاهران پوليس جو ڪوبہ گشت نظر نہ آيو. گيٽ کان اندر سيڪيورٽي عملو موجود هو. هن دعوت ۾ اسان سان هند جا اديب ريٽا شاهاڻي، ڪلڪتي/ پوني مان آئي هئي، مايا راهي، ڪرشن راهي، سندر اگناڻي ۽ ٻيا موجود هئا. فرسٽ فلور تي ڪشادين گهٽين ۽ ڏاڪڻ مان ٿيندا هڪ وڏي هال ۾ داخل ٿياسين. اسان سان گڏ آيل فنڪارن کي فني جوهر ڏيکارڻ جو اهم موقعو مليو. سونيا ڪنول، نرما

ڪنول جون سنڌي پرت پريل ڊريسون سيني لاءِ ڏاڍيون پُرڪشش پئي لڳيون. مظهر علي، ذوالفقار علي ۽ برڪت عليءَ پنهنجي فن جو عاليشان مظاهرو ڪيو. ايتري ۾ شريمتي شيلا ڊڪشٽ آئي، اسان سيني جو ساڻس تعارف ڪرايو ويو. سنهڙي ننڍي قد جي دهليءَ جي سي ايم پيلي رنگ جي ساڙهيءَ ۾ ملبوس هئي. ڏاڍي خوش اخلاقيءَ سان اسانکي ڪيڪاريائين. اسان سان فوٽوسيشن ڪرائي تقريباً ڪلاڪ ڪن اسان کي اٽينڊ ڪرڻ ڪانپوءِ هلي ويئي. ڊنر ۾ بهن جو ٻوڙ، تريل ڪريلا، پالڪ پنير، چانور، چڪن ڪباب، فريش جوس، سلاد ۾ رشين سلاد ۽ ٻيون ڊشز موجود هيون پر ڪائبو ايترو هو جيتري گنجائش هئي. ڪباب سرو ڪرڻ لاءِ ويٽرز موجود هئا، تقريباً رات جو ٻارهين وڳي ڪرول باغ جي علائقي ڏانهن روانا ٿياسين.

صبح سان اُٿي تيار ٿي ناشتو ڪري آئون وينا شرنگيءَ کي فون ڪرڻ لڳيس ته جيئن سندس مدد سان ڀارت جي سينئر صحافي ڪلديپ نيئر کان انٽرويو لاءِ ٽائيم وٺي سگهان. سندس موبائيل بند هو. گهر واري نمبر تان ڪنهن ٻڌايو ته پروگرام ۾ ويل آهي. پوءِ دادا هيرو ٺڪر کي فون ڪري ڪيس عرض ڪيم ته ڪلديپ نيئر کان ٽائيم وٺي ڏي. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ دادا هيرو فون ڪئي ته منجهند جو ٻارهين وڳي جو ٽائيم مليو آهي. ان مهل ساڍا نو پئي ٿيا، هوٽل مان ڪانفرنس لاءِ روانا ٿياسين. جنهن علائقي ۾ هيءَ بلڊنگ هئي ان جي آسپاس WWF انڊيا، IUCN انڊيا جون آفيسون هيون. دهلي گيٽ ڪراس ڪري ايمبيسيز جي علائقي ۾ داخل ٿياسين. هن رستي جي ٻنهي پاسن کي گاهه جي ساين ويڪرين پٽين سان سجايو ويو هو. عاليشان ڪشادا روڊ جن جي ٻنهي پاسي مختلف ملڪن جا سفارتخانا هئا، ساڄي پاسي جاپاني سفارتخاني جي ڀرسان پاڪستان جو سفارتخانو هو. ڏاڍو آرٽسٽڪ. مين گيٽ تي بليو ڪلر جو قبو ٺهيل هو جنهن جي بلڪل وچ تي پاڪستان جو جهنڊو لڳل هو. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پندرهن ويهن ملڪن چائنا، جرمني، فرانس، پاڪستان، جاپان، برطانيا، آمريڪا، نيوزيلينڊ، يو اي اِي، اٽلي، بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن جون هاءِ ڪميشنز ڏسي حيرت به ٿي ۽ ڏاڍو سنو به لڳو. ڪراچيءَ ۾ رشيا جي ايمبسي باٿ آئلينڊ ۾ آهي ته سعودي ايمبسي ڊفينس ۾ ته آمريڪن ايمبسي ميرٽ روڊ تي. سڀ سفارتخانا مختلف علائقن ۾ آهن. ان رستي تان مون ڪئميرا ڪڍي پاڪستان هاءِ ڪميشن رڪارڊ ڪرڻ چاهيو. اجا ٿوري رڪارڊنگ ڪيم ته سيڪيورٽي گارڊز

۽ ٻيا پوليس اهلڪار مشڪوڪ نظرن سان ڏسڻ لڳا. سو هڪدم ڪئميرا بند ڪرڻي پئي. دادا هيرو اسان کي لنچ ٽائيم تي اچي ڪانفرنس هال ۾ ڊراپ ڪيو. لنچ ڪري وري سڀ ڪانفرنس روم ۾ جيڪا "سنڌ ۾ ايگريڪلچر لاءِ گهربل پاڻيءَ جا مسئلا" جي عنوان تي شروع ٿي. جنهن جي صدارت قمر شهباز ڪئي، خاص مهمان شمشيرالحيدري، اسپيڪرز ۾ آئون ۽ تاج بلوچ هئاسين. تاج بلوچ کان پوءِ مون سنڌ ۾ ايگريڪلچر جي ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جي کوٽ جا سبب ۽ جن علائقن ۾ آباديءَ جو وڏو حصو متاثر ٿيو آهي، انهن ۾ نئين جي ڪوسٽل ايريا ۽ ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم جي تباهڪارين تي روشني وڌي. ان کان پوءِ سوالن جوابن جو سلسلو شروع ٿيو. پنجين وڳي ڌاري ڪانفرنس پوري ٿيڻ کان پوءِ اسان ڪجهه دير رکي مرزا غالب ۽ امير خسرو جي مزار تي به حاضري پري. فارسي، هندي ۽ اردوءَ جي هنن وڏن شاعرن جي مزارن تي ميلي جهڙو سماءُ هو. جتي قبرون ٺهيل هيون ان جي اندر عورتن جو وڃڻ منع هو. دل ۾ سوچيم ته مرزا غالب عورت جي حُسن جو پوڄاري هو. هيءَ پابندي سندس روح لاءِ پريشان ڪندڙ هوندي. اسين ٻاهران ئي ڦُل پڙهي موٽي آياسين.

اسان جو ٻيو پروگرام ساڍو واساڻي سنڌي اسڪول دهليءَ ۾ رکيل هو. اسان کي ٽڪريءَ تي ٺهيل هن اسڪول جي عمارت گهمائي وئي. عاليشان بلڊنگ جي سڄي انتظاميا سنڌين پئي هلائي. ڪلاس رومس جي ٻاهران هر ڪلاس جو نمبر ۽ ڊانس جا ڪلاس هئا ته ان جي ٻاهر واري ديوار تي ڊانس ڪندڙ نرتڪين جا فوٽو هئا. هن اسڪول جو ميڊيم انگريزي آهي پر پوءِ به هتي سنڌي هڪ سبجيڪٽ طور پڙهائي وڃي ٿي پر اها سنڌي اسان ڪونه سمجهون! ان لاءِ جو ان جو اسڪرپٽ ديونا گريءَ ۾ آهي. ان بلڊنگ جو نظارو اسان شام جو ڪيو. ان مهل بلڊنگ خالي هئي، پر اسڪول جي ٻاهران ڇهه ست بسون مختلف شهرن مان پرجي آيون هيون. جن اسان کي پليڪار به ڇيو ۽ ميوزيڪل ايوننگ جيڪا سنڌي اڪيڊمي دهليءَ پاران رٿي وئي هئي، ان جو آغاز ڪرڻ لاءِ جيئن ئي آئون هال ۾ داخل ٿيس ته شريڪانت پاٽيا مائڪ تي منهنجو تعارف ڪرائيندي چيو ته هن ميوزيڪل شام جي ڪمپيئرنگ نصرت لاشاري ڪندي. بنا ڪنهن نوٽيس جي هي سڏ عجيب لڳو پر پوءِ به نڀائي ويس. اڌ پروگرام کان پوءِ ماهين هوٽل کان اچي پهتي ته ان کي به سڏي ورتم ته اچي پنهنجو ڪم سنڀالي. پروگرام جي باقي ڪارروائي ان هلائي. اتان وري اسان کي شري رام جيٺملاڻيءَ جي گهر ڊنر تي

وچڙو هو. تقريباً نوين لڳي جينملاٽي هائوس پهتاسين. عاليشان دعوت هئي ۽ اسان وارن فنڪارن کي ڳارائڻ لاءِ هڪ اسٽيج ٺهيل هو. هن دعوت ۾ ريلوي منسٽر لالو پرساد ياديو، صحافي، پارليامينٽ ميمبر شري جينملاٽيءَ جي تمام ماڻهن ڏيئي شيبا به هئي، تمام هاءِ ڪليبر جي ماڻهن جي دعوت جو آغاز ميوزڪ سان ڪيو ويو جنهن ۾ سجاد يوسف، صائمه منظور، سونيا نرما، صادق فقير، برڪت علي ۽ ذوالفقار مظهر سريلا راڳ ڳائي لالو پرساد کي به جهومائي ڇڏيو. لالو پرساد ڪو ايڏو پاپولور هو، جو سڀئي ان سان فوٽو ڇڪرائڻ ۾ لڳي ويا.

هڪ پاسي فريش جوس ۽ اسٽارٽر ڪباب پئي سرو ٿيا ته ٻئي پاسي ميوزڪ ۽ سنڌي راڳ تي انڊين اديبن ڪرشن ڪتواڻي جيڪو "منهنجي منڙي سنڌ" جهڙي اهم ڪتاب جو ليکڪ آهي، واس ديو موهي، دهلي پريس ڪلب جا ميمبر جن مان پرڪاش جي سان شريڪانت منهنجو تعارف ڪرايو. ان پڇيو ته ڇا ڪشمير مسئلو حل ٿيندو؟ مون چيو ته ڪشمير مسئلو جيڪڏهن انڊيا ۽ پاڪستان حل ڪرڻ چاهين ته بلڪل ٿي ويندو پر پوءِ انٽرنئشنل سياست جو ڇا ٿيندو؟ ان ڪري هن مسئلي جي حل جو رستو هميشه لاءِ بند ڪيو ويو آهي يا جيڪي ٽرمز ۽ ڪنڊيشنز آهن انهن مان ڪنهن تي به ٻئي ملڪ تيار نه ٿيندا، پر هڪ ڳالهه اهم آهي ته هينئر گهٽ ۾ گهٽ خون خرابو ڪشمير ۾ بند ٿيڻ کپي، جيڪو ڪشميرين جي Basic Human Rights ۾ شامل آهي. هن دعوت ۾ تقريباً ڏيڍ سئو ڊشز رکيل هيون. پنجويهه قسم جا سلاد، اُتي ئي ڪباب پئي ٺهيا، دوسا، ساڳ، سڄي دنيا جي کاڌن چائنيز کان وٺي پاڪستاني، انڊين، رشين نه ڄاڻ ڪهڙن ملڪن جا ڪهڙن قسم جا کاڌا ڪسٽرڊ، قلفيون، پوڊنگز، چانور، ڪشميري ڊشز جا اسٽالز لڳل هئا. مان آپا ممتاز ۽ ادا اسحاق گڏجي سڄي ان پورشن جو جائزو وٺي آياسين. هڪڙئي کي ڏسي ڪلي چيوسين ته ايڏيون شيون آهن، ڇا کائجي؟ شروعات سلاد کان ڪئي، ٻي به هڪ به سبزيءَ واري ڊش ٽيسٽ ڪئي ته پيٽ ڀرجي ويو. ٻين شين کي ٽيسٽ نه ڪرڻ جي حسرت رهجي وئي. اهڙيءَ ريت اسان جي زندگيءَ جي هي عاليشان دعوت پڄاڻيءَ تي پهتي ۽ اسان هوٽل روانا ٿياسين. هي اسان جي زندگيءَ جو مصروف ترين ڏينهن هو جنهن جو هڪ منٽ ڪم سان گذريو. آئون به ڏاڍي پُرسڪون هيس جو گهران ڪلديپ نيئر جي انٽرويو لاءِ سوالنامو ۽ سنڌس متعلق پڙهي نڪتي هيس. سو اهو ڪم به خوش اسلوبيءَ سان پورو ٿيو. صبح لاءِ ڪپڙا استري ڪري ماهين سان ڳالهائيندي نه ڄاڻ ڪيڏيءَ مهل ننڊ اچي وئي. خبر ئي نه پئي، صبح جو ائين وڳي انٽرڪام گهڙيءَ ننڊ مان اُٿاريو. ماهين جاڳي واٽي اهڙي پاسي سُتي جنهن پاسي ليمپ رکيل هو ننڊ مان اُٿڻ جي به ڏاڍي ڏُکي پر اُتي وڃڻ کان پوءِ فتا

فٽ تيار هوندي هئي. نائين وڳي تائين تيار ٿي اچي ناشتو ڪيوسين. ان ڪانپوءِ وري ٻئي ڏينهن جي پهرئين سيشن لاءِ ڪانفرنس هال ۾ داخل ٿياسين. منجهند جي ماني ۽ تائين ڪانفرنس هال ۾ داخل ٿياسين. منجهند جي ماني اُتي ئي ڪاڌي سين. منجهند جو واپس هوٽل وڃي سامان جي پيڪنگ ڪرڻ شروع ڪئي. رات جو لکنؤ روانو ٿيڻو هو سامان جيڪو پاڻ سان کڻي وڃڻو هو اهو الڳ ڪيوسين ۽ باقي سامان هوٽل جي اسٽور ۾ رکرايو ويو. هوٽل ٻاهران ايئر ڪنڊيشنڊ ڪوچ اچي چڪي هئي، جنهن ۾ سوار ٿي اسان کي انيلا سُندر ۽ سندس ڏيءَ رچنا جو ٻيلي ڊانس پروگرام اٽينڊ ڪرڻو هو. ڪوچ ۾ سوار ٿي اسين هڪ عاليشان بلڊنگ جي آڊيٽوريم ۾ داخل ٿياسين. هال ۾ ٻه هزار ڪرسيون رکيل هيون. جيستائين پروگرام جي شروعات ٿئي هتي موجود ماڻهن سان هڪ هڪ ڪري سڀني ميمبرن کي پنهنجو تعارف ڪرائڻ لاءِ چيو ويو هر دفعي تعارف ان ڪري پئي ڪرائڻو پيو جو اسان سان گڏجڻ لاءِ انڊيا جي دهليءَ کان سواءِ ٻين علائقن مان ٻه سنڌ مان اڻونجاهه سال اڳ لڏي ويل سنڌي ملڻ پئي آيا. کين پنهنجا شهر، گهر، گهٽيون ۽ ڳوٺ يادهئا. اتي ٻه بزرگ اچي مون سان مليا. پڇيائون ته ڪهڙي شهر جي آهين؟ مون چيو "لاڙڪاڻي جي." اهو ٻڌي لاڙڪاڻي مان لڏي ويل دادا موهن جو منهن مهڪي پيو. ٻئي چيو "مان نارو شاهه مان ميٽرڪ ڪئي، پوءِ اسان جي لڏپلاڻ ٿي ۽ اسان کي سنڌ ڇڏڻي پئي." ايئن چوندي هو ڊڳڪرون ڏيئي روئڻ لڳو ۽ مون کي ٻه روئاري وڌائين.

ٿوريءَ دير ۾ ئي اسٽيج تان پردو کڄي ويو ۽ ڊرامو شروع ٿيو. هن ڊرامي جي ڊائريڪٽر انيلا سندر ۽ سندس ٽيم خاص اسان لاءِ نرت ناٽڪ ڪرڻ لاءِ آيا هئا. هن ڊرامي جو اسڪرپٽ ٻن مهينن جي ريسرچ سان دادا سندر اگناڻي جئپور واري ۽ سندس هڪ ٻئي ساٿي جيڪو پي ايڇ ڊي هو سندس نالو وسري ويو اٿم، تن لکيو هو هن ۾ سنڌ جي ڪهاڻي هئي. سنڌ ڪڏهن کان سرجي هن ڌرتيءَ جي گولي تي. سنڌ جو وجود ڪڏهن کان سنڌ سڏجڻ لڳو سنڌو درياهه ۽ ان جي اهميت، مختلف حڪمرانن پاران سنڌ تي ڪاهون، سومرن، سمن، ڪلهوڙن، راجا ڏاهر، ٽالپرن جو دؤر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ۽ ان جون سورميون، پاڪستان جو وجود ۾ اچڻ، لڏپلاڻ وقت جي مختلف وهڪرن مان وهندڙ سنڌ اڄ ڪٿي بيٺي آهي؟ هن ڊرامي ذريعي ان کي ڏاڍي سهڻي نموني پيش ڪيو ويو. مون پنهنجي هينڊ ڪئميرا سان رڪارڊنگ ڪئي. ناٽڪ ٻه ڪلاڪ هليو. ڊرامي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ اسان سڀني مهمانن کي ڪلاڪارن سان ملايو ويو ۽ فوٽو گرافي به ڪئي وئي. اتان فارغ ٿي اسين ڪوچ ۾ سوار ٿي لکنؤ لاءِ دهليءَ مان روانا ٿياسين.

# دهليءَ کان لکنؤ ۽ ڪانپور تائين

انيلا سُندر جي ڊرامي جو اثر ذهن تي ڪٽي سيئي اچي ڊيلڪس ڪوچ ۾ سوار ٿياسين. مان ۽ ماهين گڏ ويٺيون سين. پنيان واري سيٽ تي راشدي صاحب اڪيلو ويٺو. پر وارين سيٽن تي امداد حسيني ۽ شمشيرالحيدري ويٺا. آئون شمشير کي اتي ويهندو ڏسي پريشان ٿيس تہ هاڻ سگريٽن جو دونهون مٿو ڦيرائي ڇڏيندو. پر بند ڪوچ ۾ سموڪنگ منع ٿيل هئي. ان جي پابندي ڪندي ڪجهہ بچ بچاءُ ٿي ويو. بلڪل پنين سيٽن تي دادا لڇمڻ ڪومل، قمر شهباز، پروين راڄپر ۽ ٻيا متوالا ويٺي ويٺا، جيڪي سڄي واٽ هڪٻئي کي لطيفا ٻڌائيندا کلندا، کلائيندا، پيئندا ۽ مستيون ڪندا رهيا. اسان کي ڪوچ ۾ ويهڻ سان ئي ڊنر باڪس ڏنا ويا. دهليءَ مان 19 ۽ 20 سيپٽمبر جي رات اٽڪل يارهين وڳي اسين لکنؤ لاءِ روانا ٿياسين. ڪلاڪ جي ڊرائيو ڪري گرگائون واري رستي کان اسين دهليءَ جي ٽول پلازه ڪراس ڪئي، جتي بورڊ تي لکنؤ 375 ڪلوميٽر لکيل هو. اسان کي چيو ويو تہ اهو سفر ڪوچ رستي ٻارهن ڪلاڪن جو آهي.

انڊيا ۾ روڊن جي حالت سواءِ چند وڏن شهرن جي تمام خراب آهي، ان ڪري اسان جو ٻارهن ڪلاڪن جو سفر وڌي چوڏهن ڪلاڪ ٿي ويو. رستي ۾ تقريباً رات جو ٻين وڳي اسان جي ڪوچ هڪ پيٽرول پمپ تي اچي بيٺي. پر ۾ هڪ ڍابو هو جتان سڀني چانهہ پيتي. دادا سريش ڪيسواڻي بہ لهي اچي اسان سان چانهہ جي ٽيبل تي ويٺو. مون سريش صاحب کي چيو تہ هتان جا روڊ تمام سوڙها ۽ ڏکيا آهن. سريش صاحب اهاڳالهہ مرڪندي مڃي. اهو بہ چيائين تہ سنڌ ۾ اسان ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين ڪوچ جو سفر ڪيو. واقع توهان جا روڊ وڏيڪ سٺا

آهن. ان جو سبب اهو بہ آهي تہ انڊيا ۾ گهڻا ماڻهو ڪوچ ۾ سفر نہ ٿا ڪن، هتي ماڻهو ريل کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا آهن. اهو ان لاءِ جو هتي گهٽ ۾ گهٽ دهلي ۽ بمبئي هڪٻئي کان ٽرين ذريعي ڇٽيهہ ڪلاڪن جي مفاصلي تي آهن.

دهليءَ کان پوءِ گرگائون ٽپياسين. هڪ پيٽرو ل پمپ ۽ ڍابي ٽپڻ کان پوءِ گنگا نديءَ کي ڪراس ڪيو سين. هي پهريون ٽرپ اُتر پرديش صوبي جو هو. دهلي لکنئو آگرو هن صوبي جا شهر آهن. ٻنهي پاسي زندگيءَ سان ڀرپور ساوڪ سان لهرائيندڙ ٻنيون نظر آيون. انهن کي ايڏو سرسبز ۽ شاداب ڏسي سنڌ جي سُڪندڙ پاڻيءَ لاءِ اُڃايل خاص اسان جي پاسي گاجي کهاوڙ جنهن مان بلوچستان جا پهاڙ نظر ايندا آهن، ياد آيا. آبادگار پڇڙيءَ واري علائقي هجڻ ڪري پاڻيءَ لاءِ سخت پريشان هوندا آهن پر گذريل چند سالن کان سڄي سنڌ خاص ڪري ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم کان پوءِ وارو علائقو تباهيءَ جي ڪناري تي بيٺل آهي. جنهن جو ثبوت ڏيڻ لاءِ اسين رڙيون ڪري، جلسا جلوس ڪڍي حڪمرانن اڳيان پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائيندا رهيا آهيون، جنهن ۾ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جو مؤقف ساڳيو آهي ۽ پنجاب جي حڪمران ٽولي کان سواءِ باقي عام خلق، اديب، دانشور ۽ ساڃاهہ وند ڌريون پاڻيءَ جي ورهاست يا ا ئين کٽي ڇئجي تہ پاڻيءَ جي سياست تي ٽين صوبن سان گڏ آهن. درياهہ بادشاهہ جي ڪري اسين سنڌ واسي انڊس ويلي سويلائزيشن طور سڄيءَ دنيا ۾ عزت جي نظر سان سڃاتا وڃون ٿا. جيو ٽي وي کي درياهہ تي ٺهندڙ ڊاڪيومينٽريءَ تي بيسٽ ڊاڪيومينٽري آف ورلڊ جو انعام تہ ڏنو ويجي ٿو پر سنڌ جي زرعي زمين کي آباد رکڻ لاءِ پاڻيءَ جو بچاءُ نٿو ڪيو وڃي.

چوڏهينءَ جو چنڊ هو جنهن ڪري پري پري تائين زمينون نظر پئي آيون. پر آسپاس نہ شهر هئا نہ وري ننڍا ڳوٺ! ايڏي سفر ۾ ٽوٽل ڪي ٻہ شهر مس ڪراس ڪياسين. اسان جي بس جو ڊرائيور سردار جي هو. ڊرائيور گهٽ بازيگر وڌيڪ هو. يا تہ ڪا سليماني ٽوپي پاتل هيس، جو هر شهر کان پوءِ هڪ پڳڙي لاهي ٻي پئي پاتائين. ڊرائيونگ اهڙي ڪيائين جڻ تہ اسان جي ڪوچ ڪنهن موت جي کوهہ ۾ ڪرتب پئي ڏيکاري. ٽين وڳي کان پوءِ سڀئي سمهي رهيا. پر مان هڪ سيڪنڊ لاءِ بہ سمهي نہ سگهيس. راشدي صاحب پلاري رات جي ڪري تسبيح پڙهندو رهيو ۽ گهران ايندڙ فون موبائيل تي اٽينڊ ڪندو رهيو. ماهين منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکي گهري ننڊ سمهي رهي. ڊرائيور جنهن کي ڪرتب ڏيکارڻ جو شوق هو،

ان پوري سفر ۾ ٽي ڀيرا انتهائي خطرناڪ اورٽيڪ ڪيا، انهن سڀني ستلن کي اُٿاري ڇڏيو. ان مهل زندگي ۽ موت ۾ فقط چند سيڪنڊن جو فاصلو محسوس ٿيو. الله الله ڪري ساڍي يارهين وڳي اسين لکنؤ جي ڀاهران ٻن ڪارن ۾ سوار اسان جا لکنؤ جا ميزبان جيڪي صبح جو نوين وڳي کان اسان جي انتظار ۾ بيٺل هئا، بار بار مهمانن کان موبائل فون تي رابطو ڪري پئي پڇيائون ته ڪٿي پهتا آهيو. انهن سان ملڻ کان پوءِ ڪارن سان گڏ گڏ شهر ۾ داخل ٿياسين. لکنؤ ۾ داخل ٿيڻ مهل شهر قاضي احمد جهڙو لڳو پر شهر ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ رستي جي ٻنهي پاسي مسلمان حڪمرانن جي ٺهرايل عاليشان عمارتن هن شهر کي جيڪا سونهن بخشي ان جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. ڪجهه ننڍ وارو سلسلو ختم ٿيو سڀئي جاڳي چڪا هئا، ميزبان وڏي ڏام ڌوم سان اسان کي لکنؤ جي تاريخي عمارتن ۽ اردو جي وڏن شاعرن بهزاد لکنوي، مير نورالانيئر جي شهر جي رستن تي گهمائيندا، شو آشرم تائين وٺي آيا. شو آشرم هڪ تمام وڏي عمارت ۾ ٺهيل هو. ٻاهران اسان جي آجيان لاءِ قطار ۾ بيٺل اڇن ڪپڙن ۾ ملبوس لائين سان بيٺا هئا. انهن ۾ ڪجهه عورتون اسان ڏانهن وڌي آيون. اڇي هار پارايائون. هي آشرم سائين آسوده رام سرڪار جن جي آهي، هتي سکر ساڌ ٻيلي ۽ پنو عاقل جا ماڻهو به مليا، جيڪي اسان سان اتي ملي ڏاڍا خوش ٿيا. آشرم جو اڱڻ تمام وڏو ۽ ڪشادو هو. اتي تمام وڏو اسٽيج ٺهيل هو ۽ تنبو لڳل هو. اسان کي سڌو مٿي ٺهيل ڪمرن ڏانهن وٺي ويا ته جيئن فريش ٿي باقي ڏينهن جي مصروفيت کي منهن ڏئي سگهون. اسان ماين کي الڳ ڪمرو مليو، جنهن ۾ آپا ممتاز ماهين، پروين راڄپر، شبنم موتي، اوما لالا جي گڏ هيون سين. سڀئي فريش ٿي هڪبئي هال ۾ داخل ٿيون سين، جتي نيرن ٽيبل تي لڳل هئي. ڇهه ست طعام هئا. نيرن ڪري اسان هيٺ لڳل تنبوءَ ۾ اچي ويناسين. هتي اسان مهمانن کي اسٽيج تي ويهاريو ويو. گلاب جي گلن جا هار پارايا ويا، جڻ ته وڏي ڪيپ ڪٽي آيا هجون. سامهون ماڻهو ٻن حصن ۾ پٽ تي وڇايل قالينن تي انتهائي احترام سان وينا هئا. آشرم جي ڀڄن ڳائڻ وارن شروعات ڪئي. هتي سڀني ماين توڙي مردن جا احترام خاطر مٿا ڍڪيل هئا. اسان جي فنڪارن ۾ جڏهن صادق فقير پنهنجي ٽري آواز ۾ ڀڄن شروع ڪيو ته ان تي گهور جا وسڪارا شروع ٿي ويا. هي پهريون ڀيرو هو جو فنڪارن کي گهور ملڻ شروع ٿي. سڀني فنڪارن جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. پوءِ ذوالفقار علي ۽ مظهر حسين واهه جا ڀڄن ٻڌايا. انهن تي پئسن جو وسڪارو ٿي ويو. اسان ماين

کي بازار وچڻو هو هڪ آرگنائيزر کي چيوسين. ان گاڏيءَ جو بندوبست ڪري سڏي ورتو. گاڏيءَ ۾ ويهي پڇيائين تہ ڇا وٺو اٿوَ تہ جيئن اهڙي بازار هلجي، جيڪا ويجهي هجي. آل انڊيا ريڊيو لکنؤ جي پراڻي بلڊنگ ڪراس ڪندي مون پڇيو لکنؤ يونيورسٽي هتان ڪيترو پري آهي؟ دادا ٻڌايو تہ هتان ڏيڍ ڪلاڪ جي ڊرائيو تي آهي. بازار تمام صاف سٿري ۽ ڪجهہ مهانگي هئي. مون سارنگ لاءِ لکنوي ڪُرتو ورتو. پنهنجي لاءِ لکنوي پرت سان پريل ساڙهي، امان لاءِ ڪاٽن جو جوڙو ۽ بين پيٽرن رچنا ۽ تخليق لاءِ بہ وڳا ورتم. ماهين بہ سيني لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ورتو. شبنم، پروين راڄپر ۽ آپا ممتاز بہ شاپنگ ڪئي. هتي اسان وٽ ٽائيم صفا ڪونہ هو پر دڪاندار اسان جي ميزبان جو واقف هو. جنهن رعايت بہ ڪافي ڪئي ۽ سٺي نموني آڏر پاءِ بہ ڪيائين.

اسان جي ميزبان کي موبائيل تي بار بار فون پئي آيا، سو جلدي ۾ جيڪو ونئي سگهياسين ورتوسين ۽ پوءِ منجهند جي مانيءَ لاءِ سڌو هوٽل پهتاسين. هتي پهچڻ سان پريس ڪانفرنس هئي، هتان جا صحافي گهڻو ڪري مسلمان هئا، تمام تيز ۽ سياسي سوچ وارا. اسان کان اهڙا تہ سوال ڪيائون جڻ تہ اسين انهن سان ئي ڪشمير مسئلو حل ڪرڻ آيا هئاسين. اسان جا پرسنل تفصيل پڇيائون. ثانيہ مرزا ننڍي ڊريس پائي راند ٿي کيڏي، ان لاءِ توهان جو ڇا خيال آهي؟ مون وراڻيو تہ اهو تہ ثانيہ مرزا کان پڇو. اهو چو نٿا سوچو تہ هن ننڍيءَ عمر ۾ ڪيڏي وڏي ڪاميابيءَ جي منزل طيءِ ڪئي اٿائين. مون کان سوال ڪندڙ صحافي ڇوڪريءَ کان نالو پڇيم. پنهنجو نالو نصرت ٻڌايائين. لکنؤ يونيورسٽيءَ مان ماس ڪميونيڪيشن ۾ ماسٽرز ڪيل هيس. ڊيلي مسلم ۾ گذريل ٻن سالن کان رپورٽر جي نوڪري پئي ڪيائين. هتي اسان جا پريس وارن جام فوٽو ڪڍيا. ايتري گهڻي تعداد ۾ صحافي ڏسي اندازو ٿيو تہ لکنؤ مان اردو توڙي هنديءَ ۾ تمام گهڻيون اخبارون نڪرن ٿيون. لکنؤ يونيورسٽيءَ کان سواءِ هتي، ڪيمپو يونيورسٽي، ڪرڪشترا يونيورسٽي، آءِ سي سي ايف اي آئي يونيورسٽي ۽ ڪنگ جارج ميڊيڪل يونيورسٽي پڻ آهن.

هتان منجهند جي ماني ڪائي آشرم مان مليل شال ۽ پنج سئو رپيا جيڪي بہ عورتون هيون، رڳو انهن کي سرينگ طور ڏنا ويا. اسان سنڌين جي اها روايت اڃا بہ ڪيترائي سچا سنڌي قائم رکيو ٿا اچن، پوءِ اهي هند ۾ هجن يا سنڌ ۾. شام جو پنجين وڳي اسين ڪانپور لاءِ روانا ٿياسين. لکنؤ کان ڪانپور ٽن ڪلاڪن جو

سفر آهي پر اسان کي ساڍا چار ڪلاڪ لڳي ويا. هي گنگا نديءَ جو شهر آهي. شهر جي ٻاهران اسان جي سيڪيورٽيءَ لاءِ ٻه پوليس موبائيل بيٺل هيون, اسانکي پليڪار ڪري, هڪ پوليس موبائيل اڳيان ۽ ٻي پنيان هلڻ لڳيون. شهر جي ماڻهن ڏاڍي حيرت مان پئي ڏٺو. ساگر هوٽل ڪانپور اڳيان اسان واري ڪوچ وڃي بيٺي. ڪوچ مان لهي هوٽل ۾ داخل مس ٿياسين ته ڪانپور جي ميزبانن مالائون پارائي آجيان ڪئي. پريس وارا تيار بيٺا هئا, مختلف ٽي وي چينلز جا نمائندا. انهن کي اڳواڻن سريش جي ۽ قمر شهباز پئي جواب ڏنا. جڏهن ماين کان سوال پڇڻ لڳا ته قمر صاحب رڙ ڪري چيو ”بابا نصرت سهارا ٽي وي وارن جي سوالن جا جواب تون ڏي.“ اهو سڄو منظر سهارا ٽي لائيو ٽيليڪاسٽ پئي ٿيو. ايڏي اهميت ملڻ کان پوءِ ذهن تمام گهڻو ٿڪل هجڻ جي باوجود فريش ٿي ويو. هوٽل مان فريش ٿي وري ميوزڪ ايوننگ لاءِ هوٽل کان ٿورو پريرو عاليشان سيمينا هال هو. اوڏانهن روانا ٿياسين. اتي مون ۽ ماهين ميوزيڪل شام جي ڪمپيئرنگ ڪئي ته متوالا سڀ غائب هئا. اُما جي اسان سان گڏ هئي. رات جو ٻارهين وڳي پروگرام ختم ڪري اسين ٽئي هوٽل واپس وريون سين. ڪمري ۾ ٻه گڏ رهيون سين. آئون ايڏي ٿڪجي چڪي هيس جو بيڊ تي ڪنڌ رکڻ سان ئي اک لڳي وئي.

صبح جو نوين وڳي اک کُلي. اما جي کان پڇيم ته ڪيتري دير ۾ هتان هلبو؟ ان چيو ته ٻارهين. اهو ٻُڌي وري سمهي رهيس. ڪلاڪ کان پوءِ اُٿي تيار ٿي سڀئي ڪوچ ۾ سوار ٿي برلا مندر ڏسڻ وياسين. مندر جو رنگ اڇو کير جهڙو هو. اندران بند ٿي چڪو هو. ان ڪري ٻاهران ئي فوٽوگرافي ڪري موٽي آياسين. اُتان ڪانپور مان نڪرندڙ اخبار اُجالا جي آفيس ۾ اسان کي آجياڻو ڏنو ويو. هتان ٽي هڪ ٻي اخبار جي آفيس ٻيا ساٿي ويا, آءُ ۽ ڪجهه ٻيا ساٿي بس ۾ ويٺا رهياسين.

تقريباً منجهند جو ٻين وڳي آگري روانا ٿياسين, جيڪو ڪانپور کان روڊ رستي ستن ڪلاڪن جو سفر آهي.

# تاج محل آگرو

آگري ڏانهن سفر دوران سڄي رات سفر ۾ گذارڻ ۽ پوءِ وري لکنؤ جي تيز صحافين کي منهن ڏيندا، آگري شهر ڇهن ڪلاڪن جي روڊ جي سفر ذريعي پهتاسين. هي شهر ڪافي وڏو هو. هيءُ شهر سکر جهڙو پئي لڳو. آبادي بہ لڳ ڀڳ ايتري هيس. شهر ۾ داخل ٿيندي ئي اسان جي آجيان لاءِ لڳل بينرن تي نظر پئي. اسان جي ڪوچ اڌ ڪلاڪ شهر ۾ هلڻ کان پوءِ ساڄي پاسي هڪ عاليشان سجايل بلڊنگ اڳيان جيئن ئي بيٺي تہ فائر ورڪس، ڦٽاڪن، دهلن شرناين سان اسان جي آجيان ڪئي وئي. گيٽ تي گذريل ٻن ڪلاڪن کان ٻنهي پاسي بيٺل ماڻهو تاڙيون وڄائي اسان کي هال ۾ وٺي ويا. آگري جا ماڻهو سياسي طور وڏيڪ باشعور لڳا. اسان کي ايئن پئي لڳو ڄڻ ڪنهن سياسي جلسي ۾ آيل هجون. هتي نوجوان ڇوڪرا اسان جي خدمت لاءِ بيٺل هئا. انهن اسان کي هٿان جي خاص مٺائي "پيٺا" تحفي طور ڏني ۽ گلن جا هار پارايا. دادا سريش ڪيسواڻي ۽ قمر شهباز تقرير ڪئي. ان کان پوءِ هڪ وڏي عمر جي ادا اچي چيو تہ، "منهنجي امڙ توهان سان ملڻ لاءِ ڪيترن سالن کان سِڪي آهي. جڏهن ٻڌايومانس تہ سنڌ مان اسان جا پنهنجا ٿا اچن، ان ڏينهن کان هڪ هڪ پل توهان جي انتظار ۾ گذاريو آهيس. توهان هڪ منٽ ترسو مان وٺي ٿو اچانس." ٻن منٽن کان پوءِ آف وائيٽ ساڙهيءَ ۾ ملبوس اکين تي چشمو پاتل سهڻي، سڀاجهڙي گنگا ديوي، شبنم، آپا ممتاز ۽ بين ماين کي ڀاڪر پائي ملندي آئي. مون کي ڀاڪر پائي نہ ڄاڻ ڪيتري دير جهلي بيٺي. منهنجي اکين ۾ ڏسي ڊنڊڪرون ڏيئي روئڻ لڳي. مون بہ سندس

پاڪر ۾ سندس ڪجهہ چوڻ کان اڳ ئي هن جي دل جو حال سمجهي ورتو. ٻئي گڏجي هڪٻئي جي پاڪر ۾ روئنديون رهيون سين.

ان منظر کي اتي موجود ٽي وي ڪئميرائن ۽ اسٽل ڪئميرائن ايترا تہ فليش ڏنا ڄڻ تہ من موهن سنگهہ ۽ مشرف جي ملاقات ٿيندي هجي. پر ان منظر کي لکڻ لاءِ اهڙا لفظ ئي ناهن جهڙو جذباتي سين هو. هن منهنجي منهن کي پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ وٺي نہ ڄاڻ ڪيتريون ڀڪڙيون پاتائين. منهنجي هٿن کي چهي ڄڻ تہ هوءَ سنڌ جي مٽيءَ جو واس وٺندي هجي. هوءَ ويٺي تہ امداد صاحب سندس پيرن وٽ پلٿي هڻي ويهي رهيو. هن سندس مٿي تي هٿ رکي ڪيس دعائون ڏنيون. گنگا امڙ ٻڌايو، "گنبٽ ڄائي آهيان، ٽيهن سالن جي هيس جڏهن سنڌ ڇڏڻي پئي." اهي لفظ چوندي سُڏڪي پئي. هاڻ هتي آگري ۾ آهيان. ٻار آهن، پٽ، ڌيئر، ننهون، هر شيءِ آهي پر سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبو نٿي وسري. بس مرڻ کان اڳ هڪ ڀيرو سنڌ ڏسان، اها آخري خواهش اٿم.

امداد صاحب ۽ مان روئندا ڪانئس موڪلائي اچي ڪوچ ۾ چڙهياسين. نہ ڄاڻ ڪهڙو رشتو هو اسانجي وچ ۾، جنهن اندر ۾ اڻ تڻ مچائي ڇڏي هئي. آءٌ ڪافي دير تائين ڪجهہ ڳالهائي نہ سگهيس. آگري جا هوٽل تمام صاف سٿرا ۽ ڪي قدر مهانگا بہ آهن، ڇو جو بندوبست امر هوٽل آگري ۾ ٿيل هو. هتي اسين لڌاڻي خاندان جا مهمان هئاسين. هي چار ڀائر آهن، هڪ جون اٺ فلائٽس آهن، ٻئي جو امر ۽ ان جي پر وارو هوٽل آهي آگري ۾ ۽ ٽئين ڀاءُ جي هتان جي مشهور ڪولڊرنڪ ڪوڪا ڪولا، ٿمس اپ جون فيڪٽريون آهن، سندن چوٿون ڀاءُ بمبئي ۾ رهندو آهي ۽ اهو انڊين فلمن ۾ پئسا سيڙائي منافعو ڪمائيندو آهي. هي چار ئي ڀائر صورت ۾ تمام سهڻا، سندن ونيون، ڌيئر ۽ ننهون بہ ڏاڍيون سهڻيون ۽ قربائتيون هيون. سيني کي ساڙهيون پاتل هيون. هوٽل پهچي ڪمرن مان تيار ٿي پرسان واري هوٽل جي هال ۾ اسان سان گڏ آيل فنڪارن سان رهاڻ رٿيل هئي. اُتي گڏ ٿياسين، شروع ۾ تقريرون ٿيون، شري ايس اين لڌاڻي اسان کي ڀليڪار چيو. اسان کي ماربل جو ٺهيل تاج محل جو تحفو ڏنو ويو. ان ڪانپوءِ اسان کي ڪمپيئرنگ لاءِ سڏيو ويو ۽ راڳ رنگ جي محفل جي شروعات ٿي. ڊنر ۾ ڪيترائي ڪاڌي جا ڊش موجود هئا. هتان جا ماڻهو مرچن وارو ڪاڌو کائيندا آهن. اسان ماني کائي ڪمرن ڏانهن روانيون ٿيون سين. مان، ماهين ۽ اُما لالا ساڳئي ڪمري ۾ رهيون سين. صبح جو نائين وڳي اُٿي ڪلاڪ ۾ تيار ٿي وڃڻ ڪانپوءِ

خبر پئي تہ تاج محل ۾ داخل ٿيڻ لاءِ جيڪا پرميشن سنڌي اڪيڊمي دهليءَ وارن ڪي هئي، اهو خط دهلي آفيس ۾ رهجي ويو. يارهين وڳي فيڪس ذريعي اهو ليٽر امر هوٽل جي رسيپشن تي پهتو. سيئي تاج محل ڪي ڏسڻ لاءِ اُتاولا پئي لڳا. ڪوچ ۾ چڙهي ست اٺ ڪلوميٽرن جو مفاصلو طيءِ ڪري هڪ وڏي گيٽ ۾ داخل ٿياسين. اُتان بيٽريءَ تي هلندڙ ويگنن ۾ سوار ٿي تقريباً بہ ڪلوميٽرن کان پوءِ اچي تاج محل جي گيٽ وٽ پهتاسين. ٻاهران ٻنهي پاسي گفٽ جا دڪان هئا. گيٽ تي اسان جي سخت چيڪنگ ٿي، جنهن وٽ رڳو پنا يا اخبارون هيون، اهي بہ اندر کڻي وڃڻ جي اجازت نہ هئي. ان ڪري متان اندر ٻاهر ۾ دونهون ٿئي.

تاج محل جي خوبصورتيءَ کي بچائڻ لاءِ انڊين گورنمينٽ آگري جيڪو ڪنهن دؤر ۾ انڊسٽريز جو شهر هو هتان سڀ ڪارخانا ٻين شهرن ڏانهن لڏائي ڇڏيا آهن، تہ جيئن تاج محل جو اڇو ماربل ڪارو نہ ٿئي ۽ سندس سونهن برقرار رهي.

تاج محل دنيا جو اٺون عجوبو آهي. تاريخ لکڻ وارن جو خيال آهي تہ هن جهڙي سهڻي عمارت ڪٿي بہ تعمير ناهي ٿيل. عمارت سازيءَ جو حَسين نمونو آهي. تاج محل جنهن جي تعمير لاءِ مغل حڪمران شاهہ جهان پنهنجي پياري زال ارجمند بانو جنهن کي شاديءَ کان پوءِ شاهہ جهان ممتاز محل جو نالو ڏنو. ان جي ياد ۾ تعمير ڪرايو. هن ۾ جيڪو اڇو ماربل ۽ خاص پٿر استعمال ڪيو ويو آهي، اهو سون وانگر ڪيرٽ جي حساب سان وڪيو ويندو هو. مغل حڪمرانن جو تعميرات جي حوالي سان تاريخ ۾ تمام اهم ڪردار رهيو آهي، جنهن جا نشان انڊيا جي شهر دهليءَ ۾، حيدرآباد دکن ۾، جئيپور جو سچو شهر، اسان وٽ لاهور ۾ بادشاهي مسجد، قلعو ۽ شاليمار باغ ۽ ٻيون اڻ ڳڻيون عمارتون موجود آهن، پر جنهن چاهہ سان شاهجهان پنهنجي پياري زال جي ياد ۾ تاج محل ٺهرايو آهي، سچ پچ بہ هن جي سونهن کي ساراهڻ لاءِ لفظ کُٽي ٿا پون.

گيٽ کان داخل ٿي هڪ وڏي گهٽي جيڪا ڳاڙهين سرن سان ٺهيل هئي، جنهن جي ساڄي پاسي مين گيٽ هو ان جي مٿان ننڍا ننڍا گنبذ هئا، ان لاءِ ٻڌايو ويو تہ هي اڳيان يارنهن ۽ پويان ٻيا يارنهن ٽوٽل ٻاويهہ آهن. هر سال پوري ٿيڻ تي هڪ گنبذ رکيو ويندو هو. تاج محل جي تعمير جو ڪم ٻاويهہ سالن ۾ مڪمل ڪيو ويو.

شاهجهان بابت تاريخ لکڻ وارن اهو بہ لکيو آهي تہ ممتاز جڏهن مري ويئي هئي تہ کيس دهليءَ ۾ دفنايو ويو هو ڇهن مهينن کان پوءِ تاج واري جاءِ تي سندس

قبر ٺاهي وئي. هيءَ راڻي شاهه جهان جي چوڏهون نمبر زال هئي. ڪيس سڀني کان وڌيڪ پياري هئي. ممتاز مان ڪيس 14 ٻار هئا. تاج محل سندن عشق جي لازوال نموني طور دنيا جي سچن عاشقن جي توجهه جو مرڪز آهي.

تاج محل جي تعمير جو ڪم ويهه هزار انجنيئرن ۽ مزدورن ٻاويهه سالن ۾ مڪمل ڪيو. 1648ع ۾ 32 لکن جي لاڳت سان تيار ٿيو. هن جو ڊزائينر استاد عيسيٰ هو جيڪو ان دؤر جو مشهور تعميراتي ڊزائيننگ جو ماهر هو. هن جي تعمير جي پٿن ۾ ڄاڻايل آهي ته خاص طور تي تاج جو مال دنيا جي مختلف ملڪن مان گهرايو ويو ۽ ماهر وري بغداد، شيراز، ملتان، لاهور ڪنج ۽ دهليءَ مان گهرايا ويا، جيڪي سڀ مسلمان هئا، جن هڪ هڪ شيءِ ان جي نزاڪت ۽ نفاست جي ٺاهڻ ۾ پنهنجا مهارتي جوهر ڏيکاريا. هن جو وچون قبو 58 فوٽ (ڊايا ميٽر) ويڪرو ۽ 312 فوٽ ويڪرو آهي. چئني ڪنڊن تي سهڻا اڇي ماربل جا پلر ٺهيل آهن، هن جي ڊزائيننگ ڪي عورت جي حُسن ۽ نفاست جي طرز تي ٺاهيو ويو آهي.

تاج محل تي جيئن ئي نظر پئي ته هڪ عجيب احساس ٿيو! ڄڻ ته اڄ ٻه ان دؤر جي هجان، ان محبت جي هڳاءُ ۽ ان جي سچائي ماحول کي اڃا ٻه معطر ڪيو بيٺي آهي. ان عشق تي هر دؤر جي شاعرن شاعري ڪئي آهي. ساحر لڌيانويءَ جو شعر دادا سريش ڪيسواڻيءَ (جيڪو پاڻ ٻه شاعر آهي) ٻڌايو:

اک شهنشاه نے بنا کے حسين تاج،
هم غريبون کي محبت کا اُڑايا هے مذاق،
ميري محبوب کهين اور ملا کر مجهه سے.

تاج محل ۾ پهچي اُتي سڄي جڳ مان آيل انگريز توڙي انديا ۽ ٻين ملڪن مان آيل جوڙن کي ڏسي شاهه جهان جي واعدي وفائي ته مان اهڙي لازوال پيار جو لازوال نمونو ٺهرائيندس، جو ان کي ڏسڻ لاءِ سڄيءَ دنيا جا پيار ڪرڻ وارا ايندا، مان سمجهان ٿي ته اهي ڪين عقيدت جا گل ٻه ارپڻ ايندا آهن ۽ پاڻ سان ڪي وچن ٻه ڪري ويندا آهن. تاج محل جنهن جاءِ تي تعمير ٿيل آهي، ان جاءِ تان جمنا ندي موڙ کائيندي آهي، ان منظر کي صبح جو باک ڦٽيءَ مهل ڏسجي ۽ وري سج لهڻ وارو منظر ته هميشه ذهن جي ڪينواس تي چٽجي وڃي ٿو. تاج جي اڳڻ مان جمنا ندي ڏسندي دل مان اُڌما نڪريو وڃن. وري جمنا نديءَ ۾ ٻيڙيءَ مان هن شاهڪار کي ڏسجي ته بلڪل ٻيو منظر ڏسڻ ۾ ايندو پر هن کي ڏسڻ مهل هر پاسو عورت جي حَسين ٻيهڪ وانگر سهڻو پيو پاسندو.

تاج جي ٻاهران اسان فوٽوگرافي ڪئي. ان سيٽ تي بہ فوٽو ڪڍياسين، جتي آمريڪا جي اڳوڻي صدر بل ڪلنٽن ۽ سندس زال هليري ڪلنٽن فوٽو ڪڍرايو هو. پوءِ سينٽر مان ڦوهارن کي ڏسندا، ارڙهن ڏاڪا چڙهي تاج جي اڱڻ ۾ پهتاسين. اُتي اسان کي اڇي پلاسٽڪ جا ٿاهيل ويڪرا جوراب پارايا ويا تہ جيئن پيرن ۾ لڳل دز کان هن جي حفاظت ٿي سگهي. هتي فوٽو گرافي ڪري اندر مقبرا ڏسڻ وياسين. ٻن قبرن تي ڦُل پڙهياسين. ٻنهي تي قرآن پاڪ جون آيتون سهڻي ڪيليگرافيءَ سان اُڪريل هيون. سائي، ڳاڙهي ۽ اڇي رنگ جي پٿر سان گل اُڪريل هئا. شاهجهان جي قبر وڏي هئي ۽ ممتاز جي ٿوري ننڍي ٺهيل آهي. ٻنهي قبرن تي ڪوبہ ڪتبو ناهي لڳل، جنهن تي سندن نالو ولديت، ڄمڻ يا مرڻ جي تاريخ لکيل هجي. اهوان ڪري بہ تہ جو شايد فقط مغل حڪمران ۽ سندس راڻيءَ جون فقط بہ قبرون آهن، جتي قبرستان جو نہ ماحول آهي نہ وري اهڙي اُداسي، بس تاريخ جي ورقن ۾ لکيل هن بادشاهہ جي عروج کان پوءِ پڇاڙڪا ڏينهن سندس پٽ اورنگزيب ڪيس قيد ۾ رکيو جتي هو اڪيلائيءَ جا ڏينهن گهاريندي نير وهائي ويهندو هو. ان تي افسوس ۽ ڏک محسوس ٿيو. باقي تاج محل جي هر گل ٻوٽي کان وٺي جمنا ندي توڙي ڪاٻي پاسي ٺهيل بادشاهہ جو محل هنن ديوانن جي عشق جي مُشڪ سان تي صديون گذري وڃڻ کان پوءِ بہ معطر آهي.

شروع ۾ موسم گرم هئي، پر پوءِ هڪ ڪڪر مهرباني ڪري اسان تي هنن ديوانن جي اڱڻ ۾ ڪرم جا ڪڻا وسائي ويو. هڪ روايت مطابق سنڌو درياهہ بہ صديون اڳ تاج محل وٽان وهندو هو.

خبر ئي نہ پئي تہ پنج ڪلاڪ ڪيئن گذري ويا. مينهن وسائيندا گيٽ کان ٻاهر نڪري آياسين. مون دڪان تان تاج محل جا چار ماڊل ورتا. بہ صفا ننڍڙا ۽ بہ ٿورا وڏا. ايتري ۾ خبر پئي تہ اسان وارا سيئي ساٿي بيٽريءَ واري گاڏيءَ ۾ چڙهي روانا ٿي ويا. اسين شبنم، آپا ممتاز، ادا اسحاق، ماهين ۽ مان رهجي وياسين. بيٽريءَ واري گاڏي پهتي، خبر پئي تہ اسان جا ميزبان اسان کي وٺي اچڻ لاءِ مهيندي رتا صاحب کي ڇڏي ويا هئا، اسين بيٽريءَ واري گاڏيءَ مان لٿاسين تہ مينهن تيز ٿي ويو. پوءِ پيلي رنگ جي رڪشا ۾ سوار ٿي شهزادي خرم (شهاب الدين عرف شاهجهان) جي گهٽين مان ٿيندا اچي امر هوٽل پهتاسين.

سامان ڪٽي ڪوچ ۾ تقريباً ساڍي ڇئين وڳي ڌاري اسين دهليءَ ڏانهن روانا ٿياسين. رستي ۾ هڪ ڍاٻي تان ڪاڏوسين. ڪوچ ۾ ويهي رليڪس ٿي مون گذريل لمحن کي وري ريورس ڪرڻ شروع ڪيو. شايد هي ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو حَسين ڏينهن گذريو. رات جو نائين وڳي دهليءَ پهتاسين.

# بينگلور سليڪان ويلي

حيدرآباد دکن آندرا پرديش صوبي جو ڪيپيٽل آهي، هڪ ڏينهن هڪ رات جو يادگار ٽرپ مڪمل ڪري صبح جو ستين وڳي ايئرپورٽ روانا ٿياسين. بورڊنگ پاس ٺهرائي فارغ ٿياسين تہ حميد سنڌيءَ چيو "اچو تہ چانهہ ٿا پيئون." سو مان، اياز گل، ادل سومروءِ ماهين گڏجي حميد صاحب سان چانهہ پيتي، اُتي ئي انٽرنيشنل بوٿ لڳل هو، سو گهر ڪال ڪري حال احوال ورتم ۽ ٿوريءَ دير ۾ مسافرن کي فلائيٽ ۾ سوار ٿيڻ جو اعلان ٿيو تہ اسين جهاز ۾ سوار ٿيڻ لاءِ روانا ٿياسين. حيدرآباد مان بينگلور هڪ ڪلاڪ پنجٽيهن منٽن جي فلائيٽ هئي.

بينگلور ڪرناٽڪا صوبي جو گاديءَ جو شهر آهي، ڀارت ۾ هر صوبي جي الڳ الڳ ٻولي آهي، هتي ڪرناٽڪي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي. برٽش راڄ دؤران بينگلور سائوٿ انڊيا جي ڪالونيل راڄ جو سينٽر هو بينگلور ڪنٽونمنٽ جي بنياد پوڻ ڪانپوءِ وڏي تعداد ۾ تامل ناڊو، آندرا پرديش ۽ نارٿ انڊيا مان لڏي بينگلور آيا تہ جيئن ڪنٽونمينٽ جي انفرا اسٽرڪچر جي سنڀال ڪري سگهجي. ورهاڱي ڪانپوءِ 1947ع ۾ بينگلور پبلڪ سيڪٽر جي وڏن ڪارخانن جي Hub طور سڃاتو وڃي ٿو. جنهن ۾ خاص ڪري ايئرواسپئس ٽيلي ڪميونيڪيشنز، وڏا اوزار، مشينن جا پرزا ۽ بچاءُ جون مشينون ٺاهيون وڃن ٿيون، بينگلور جي سڄي ءَ دنيا ۾ جيڪا هاڪ آهي اها سندن ڪاروباري سافٽ

ويئر ۾ ترقي آهي، جنهن انڊيا کي دنيا جي نظر ۾ توڙي مالي حوالي سان تمام گهڻي ترقي وٺرائي آهي، خاص ڪري انفارميشن ٽيڪنالاجي انڊسٽريءَ جي ذريعي. ان تيز رفتار ترقيءَ جي ڪري بينگلور کي Silicon Valley of India چئبو آهي، رڳو سافٽ ويئر جي ايڪسپورٽ 35 سيڪڙو ٿئي ٿي. مائڪرو سافٽ سان مقابلو ڪندڙ هي شهر بينگلور دنيا جي اهم سافٽ ويئر ايڪسپورٽرز مان هڪ آهي.

بينگلور شهر ڏسڻ ۾ ئي تمام گهڻو خوشحال ۽ ماڊرن نظر اچي ٿو هتي اهو چوندي ڪو وڏاءُ نه ٿيندو ته هي وڏين يونيورسٽين، ڪاليجن ۽ ريسرچ انسٽيٽيوٽس جو گهر آهي، اهو ئي سبب آهي جو هي شهر تعليمي طور انڊيا جو ٻيو نمبر Highest لٽريسي، ميٽروپليٽن شهر آهي. جاگرافيائي طور بينگلور سائوٿ ايسٽ انڊيا جي سائوٿ انڊين اسٽيٽ ڪرناٽڪا ۾ آهي. هتان جا اسڪول ڪجهه گورنمينٽ آهن، جن مان ڪجهه وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي ماتحت آهن ۽ ٻيا پرائيويٽ، جن مان گهڻا ٽرسٽ تحت هلن ٿا، ڪي وري مذهبي تنظيمن جا جوڙيل آهن، پر سڀني اسڪولن ۾ تعليم انگريزيءَ ۾ ڏني وڃي ٿي. پوءِ پلي اهي انڊين سرٽيفڪيٽ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن (ICSE)، سينٽرل بورڊ فار سيڪنڊري ايجوڪيشن (CBSE) يا وري ڪرناٽڪا سيڪنڊري ايجوڪيشن ايگزامنيشن بورڊ سان لاڳاپيل هجن. سيڪنڊري تعليم ڪانپوءِ شاگرد جونيئر ڪاليج (جنهن کي پري يونيورسٽي چئبو آهي) جنهن ۾ آرٽس، ڪامرس ۽ سائنس ڪاليج پورو ڪرڻ ڪانپوءِ شاگرد عام توڙي پروفيشنل ڊگريءَ لاءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪندا آهن.

بينگلور جي تعليم جو بنيادي ڍانچو ناهيندڙ سرمو ڪشن گندم وس ويسواريا هو. جيڪو پاڻ چيف انجنيئر ۽ پوءِ ميسور جو ديوان (19_1912) پڻ رهيو. هن شروعات ووڪيشنل اسڪول سان ڪئي، جيڪا اڳتي هلي ايگريڪلچرل ۽ سائنس يونيورسٽي بڻي. هو تمام گهڻو ويجهو هو اسٽيبلشمينٽ آف انڊين انسٽيٽيوٽ (IISC) 1909ع ۾ پنهنجا دوستاڻا ناتا استعمال ڪندي هُن يونيورسٽي وسويسواريا ڪاليج آف انجنيئرنگ (UVCE) جو بنياد 1917ع ۾ وڌو. هي انڊيا جي بهترين انجنيئرنگ انسٽيٽيوشنز مان هڪ آهي، ان ڪانسواءِ انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ بينگلور (IIM_B)، نيشنل لاءَ اسڪول آف انڊيا يونيورسٽي ۽ بينگلور ميڊيڪل ڪاليج، ڪيمپ گودا انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس (KIMS)، سينٽ جان ميڊيڪل ڪاليج، گورنمينٽ ڪاليج

آف فارميسي، ان ڪانسواءِ اڻ ڳڻيا I T انسٽيٽيوٽس آهن. جن ۾ پيپلز ايجوڪيشن سوسائٽي انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي (MS (PESIT راميا انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي بينگلور انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي، سر ايم وسويساريا انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي ۽ ٻيا ڪيترائي ريسرچ انسٽيٽيوٽ آهن. مون جيڪي نالا هتي ڏنا آهن، انهن ڪاليجن جي شاگردن جي فائنل ۾ اچڻ سان مختلف IT ڪمپنيون رابطو ڪري پاڻ نوڪريءَ جي آڇ ڪنديون آهن.

بينگلور ۾ اسان جا ميزبان شري راج ڪمار ڱُڪريجا هئا. ايئرپورٽ کان سڌو هتي قائم سنڌين جي اسڪول "سنڌي اسڪول بينگلور" جنهن سان گڏوگڏ سنڌي ڪاليج جي بلڊنگ بيٺل هئي. گيٽ جي ٻاهران سنڌي اسڪول جي بلڊنگ جيڪا انتهائي ماڊرن طرز تي تعمير ٿيل هئي، ڏسي دل خوش ٿي، اها خوشي فقط هڪ لمحي جي هئي، پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيم. اسان جا اسڪول، استاد شاگرد! اُنهن جو مستقبل سنڌ جو آئيندو هي ڪٿي ۽ اسين ڪٿي بيٺل آهيون. ساهہ گهُٽجڻ لڳو. ان مهل اسان جي انتظار ۾ بيٺل ليڊي ٽيچر گلن جو هار پارايو. ٿورو اڳيان وڌيس تہ مختلف ٻارڙن سان ملندي انهن جي معصوم چهري تي مرڪ ڏسي سنڌ جي ٻار جو سوچڻ لڳس. نہ چاهڻ جو چاهيندي بہ آئون پاڻ کي سنڌ ۽ سنڌ جي ٻار جي مستقبل ۽ ان جي آئيندي تي سوچڻ کان روڪي نہ سگهيس. سنڌ تہ موسان گڏ هئي، ان کي مان پاڻ کان جدا ڪيئن پئي ڪري سگهيس!

سنڌي اسڪول جي بلڊنگ ٽن فلورن تي مشتمل هئي، بلڊنگ ٽڪنڊي نهيل هئي، اندر داخل ٿي وچ ۾ جتي ڇهہ ست سئو ٻارڙا اسان جي انتظار ۾ ويٺل هئا، شري راج ڪمار ڪڪريجا پليڪار ڪندي تقرير ڪئي، ان ۾ انڊيا جو مشهور گانو جهونگاريائين. "اي اجنبي تم ڪيون جاني پهچاني لگتي هو." ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ هو جيڪي اڄ صديءَ اڳ اسان جو حصو هئا، هاڻي ناهن، هاڻي هو هڪ ٻئي ملڪ جا شهري آهن. پر انهن سان جيڪو ڌرتيءَ جو رشتو آهي، ٻوليءَ جو رشتو آهي، اهو اڻ ٽُٽ ۽ سدائين قائم رهندڙ آهي.

اسانجي سٽ جي ليڊر قمر شهباز صاحب تقرير ڪئي، ان ڪانپوءِ اُتي ويٺل شاگردن اسان کان سوال ڪيا. سوال ڪندڙ شاگردن ۾ گهڻو ڪري پرائمري ڪلاسن جا شاگرد هئا. پر سندن سوال پڇڻ جو انداز انتهائي پختو ۽ برجستو هو. هڪڙي ٻار سوال پڇيو تہ. "ڇا پاڪستان ۾ عورتون پبلڪ توڙي پرائيويٽ سيڪٽر ۾ ڪم ڪن ٿيون؟ ۽ سندن ڪيل فيصلا ڪيتري اهميت سان مڃيا

ويندا آهن؟" سوال سيني شاگردن انگريزيءَ ۾ ڪيا. واهه جي انگريزي هئي ٻارن جي؟ ان سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ اسان سان گڏ هڪ سينيئر محترمه ڏاڪٽر قمر صاحب اشارو ڪري چيو ته توهان ڏيو. شايد محترمه کي انگريزي سمجهه ۾ نه آئي. جو هن اڌو ابرو جواب ڏنو. سو مون وچ ۾ اُٿي بيهي ڪين جواب ڏنو ته. "توهان جي ذهن ۾ شايد اڃان تائين ايئن آهي ته اسان وٽ عورت انتهائي پوئتي پيل آهي؟ ايئن اڳي هو پر هاڻ تمام گهڻي تبديلي اچي چڪي آهي. پبلڪ توڙي پرائيويٽ سيڪٽر ۾ وڏي پئماني تي عورتون ڪم ڪن ٿيون. ان ڪانسواءِ انساني حقن جي تنظيمن جون سربراهه عورتون آهن. وڪيل عورتون آهن. سياست ۾ جتي نوان نالا آهن اُتي ايشيا جي پهرين مسلمان ۽ پيرا چونڊيل عورت وزيراعظم بينظير ڀٽو سنڌياڻي آهي. هو هڪ جاگيردار جي ڌيءَ آهي پر هوءَ ايشيا جي وڏي سياستدان هجي. اهو ئي سندس پيءُ ذوالفقار علي ڀُٽي جو خواب هو. پاڪستان جو پهريون چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جنهن هن ملڪ جي عوام کي نئون شعور ۽ جاڳرتا ڏني. ان ڪانسواءِ 1973ع ۾ هن ملڪ کي آئين ڏنو جنهن کي قومي اسيمبليءَ مان حڪومت توڙي مخالفن خوشيءَ سان قبول ڪيو. سندس لاڏلي ڌيءُ سڀ سور سهي ۽ ثابت قدميءَ سان نڀايو آهي. هوءَ پهرين پاڪستاني سنڌياڻي آهي. جنهن جي نالي سان لنڊن ميٽرو پوليٽن يونيورسٽيءَ ۾ پاڪستاني عورتن لاءِ ايم اي جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپ ڏني ويندي آهي."

اهو سڀ ٻڌي اُتي موجود ٻارڙن جا چهرا خوشيءَ مان ٻهڪي پيا ۽ ڪنهن حد تائين سندن سوچ اسان جي حوالي سان بهتر ٿيندي نظر آئي. ان کان اڳ ۾ ٻارڙن کي اهو تاثر هو ته اسين پنجاهه سال پٺتي واري زندگي پيا گذاريون.

ان کانپوءِ سنڌي اسڪول جي هڪ ٽيچر کي مون چيو ته مان هن اسڪول جا ڪجهه ڪلاس روم ڏسڻ چاهيان ٿي. سو اهو ٽيچر جنهن جو نالو ياد نه ٿو اچي ان پري نرسريءَ جا ۽ ٽي ڪلاس رومز ڏيکاريا. تمام ڪشاده رومز هئا. هرهڪ ۾ ڪلاس جي ديوارن تي خوبصورت رنگ برنگي پئنٽنگز ڪيل هيون. اهڙا سهڻا ڪلاس ڏسي منهنجي دل باغ بهار ٿي پئي. ان کانپوءِ بينگلور جي روايتي منجهند جي مانيءَ لاءِ اسان کي اسڪول جي ٽي هئي ورانڊي ڏانهن سڏيو ويو. مانيءَ ۾ گهڻو ڪري سبزيون جنهن ۾ تريل ڪريلا، واڱڻ، وڏا ساوا مرچ، ٻئي پاسي ڏهي جا وڙا، چولا ۽ دوسا جيڪي چانورن جي اٽي جي سنهڙي ماني ڪري ان جي مٿان چٽيل پٽاٽن جو مصالحو وجهي بند ڪري پيش ڪيو پئي ويو. اهي سڀ کاڌا بينگلور جا

خاص ڪاڏا آهن. هتي ڪاڏي ۾ ڳاڙها مرچ جام وڌل هئا، جيڪا پڻ بينگلور جي ڪاڌن جي روايت آهي.

تقريباً پنجين وڳي اسين هوٽل روانا ٿياسين. اُتي اسان کي فريش ٿيڻ لاءِ ٻن ڪلاڪن جو وقت هو. ستين وڳي اسان کي ميوزيڪل پروگرام لاءِ روانو ٿيڻو هو. انڊيا جا ماڻهو وقت جا ڏاڍا پابند آهن. پر هن پروگرام کي شروع ٿي هڪ ڪلاڪ دير سان يعني اٺين وڳي ڪيو ويو. حال ۾ گنجائش پنج سئو ماڻهن جي هئي. هتان جي اليٽ Elite ڪلاس جا تقريباً سا ڍا ٽي سئو ڪن سنڌي موجود هئا. جن مان گھڻن سنڌي پئي ڳالهايو. هتان جا ماڻهو پڪا پروفيشنل هئا. ان جي باوجود هُنن اسان سان پورو ڏينهن رات جي ڏهين وڳي آخري گيت ڳائي ذوالفقار علي مظهر علي محفل جي پڇاڙي ڪئي. ان ڪانپوءِ اسان جنهن هوٽل ۾ رهيل هئاسين. جنهن جو نالو اپيشڪ هوٽل هو مون ماهين کي چيو ته خبر اٿئي هن هوٽل جو مالڪ ڪير آهي. حيرت مان پڇيائين. "ڪير؟" مون وراڻيو "اميتاڀ بچن." چيائين. "نه نه." "الله." مان کلي پيس.

ان ئي هوٽل جي بينڪوئيٽ حال ۾ ڪُڪريجا ڪٽنب پاران اسان لاءِ رات جي مانيءَ جو انتظام ٿيل هو. اُتي راج ڪمار ڪڪريجا جي سهڻي ونيءَ سان ملاقات ٿي. ڊاڪٽر سنجي جيڪو بينگلور جي ٽاپ ٽين ڊاڪٽرن مان هڪ هو. اهو به موجود هو. ان سان بينگلور جي ترقي ۽ تاريخي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ٿي. مانيءَ ڪانپوءِ موڪلائي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ وياسين.

صبح جو سوير اسان کي بينگلور مان جهاز رستي بمبئي وڃڻو هو. بينگلور ڇڏڻ وقت اسان هتان جي قديم پر حَسين سيون اسٽار هوٽل جنهن جو رنگ ڪير جهڙو اڇو هو ان کي ڏٺوسين. پر وقت گھٽ هُجڻ ڪري هتان جو ڪوبه تاريخي ماڳ مڪان پسي نه سگھياسين. مون هتان نڪرندڙ اخبارن. ٽي وي ميڊيا چينلن جا تفصيل هٿ ڪري ورتا.

بينگلور ۾ سائوٿ ايشيا جي تمام وڏي ماس ميڊيا مارڪيٽ آهي. گھڻو ڪري اخبارون انگريزيءَ ۾ نڪرن ٿيون. جن ۾ "هندو"، انڊين ايڪسپريس، ٽائمز آف انڊيا (بينگلور ٽائمس)، ٽائمس آف انڊيا جو هيڊ ڪوارٽر انڊيا ۾ آهي. "پراجاواني"، "ڊيڪن هيرالڊ" پاران نڪرندڙ پبليڪيشن آهي. جيڪا شهر جي مشهور اخبارن مان هڪ آهي. "وجيا ڪرناٽڪا" شهر جي سڀني کان گھڻي وڪامندڙ روزانه اخبار آهي. لوڪل ڳالهائيجندڙ ٻوليءَ ۾ اڻ ڳڻيون اخبارون

نڪرن ٿيون، ان ڪانسواءِ مئگزين ۽ جرنل جن ۾ ”انڊيا ٽو ڊي“ ”فرنٽ لائين“ ۽ ”آئوٽ لُڪ انڊيا“ انگريزيءَ ۾ ۽ ڪنندا پيراڊڪس مئگزين جهڙوڪر ”سُڌها“ ۽ ميورا تمام گهڻا پڙهيا وڃن ٿا.

**ريڊيو اسٽيشنز:**

آل انڊيا ريڊيو جي نظرداريءَ ۾ هلندڙ سوين ايف ايم ريڊيو اسٽيشن سڄي انڊيا ۾ ڪم ڪن ٿا. پر بينگلور مان پرائيويٽ ايف ايم ريڊيو اسٽيشن جي لائين لڳل آهي، جيڪي هي آهن:

- ريڊيو سٽي (91.1MHz) Radio City
- ريڊيو انڊگو (91.9MHz) Radio Indigo
- بگ 92.7 ايم ايف (92.7MHz) Big 92.7 FM
- سن ايف ايم (93.5 MHz) S FM (Sun FM)
- ريڊيو ون (94.3 MHz) (Radio One)
- ريڊيو مرچي (98.3 MHz) Radio Mirchi
- فيور ايف ايم 104 (104.0 MHz) Fever 104 FM

ان ڪانسواءِ گورنمينٽ ايف ايم ريڊيو اسٽيشن هي آهن:

- AIR's Raihbow FM (101.3 MHz)
- Vividh Bharti (102.9 MHz)
- Ignou's Syanvani (107.6 MHz)

**ٽي وي چينل:**

گورنمينٽ جو چينل دور درشن لوڪل ۽ نيشنل ٽيلي ويزن ڪوريج ڏيکاريندو آهي، اسٽار پلس، سوني ٽي وي، زي نيوز، ذي سينيما ۽ ڪيبل ٽي وي هلائڻ وارا پنهنجا ايئر ڪيبل چينل پرائيويٽ نيٽ ورڪس تان هلائين ٿا، جيڪي هي آهن: اسٽار، ”يدايا“، اهي آهن ڪنندا ٻوليءَ ۾، انگريزيءَ ۽ هندي DTH (ڊائريڪٽ ٽو هوم) ٽي وي، ان ڪانسواءِ ڊش ٽي ويءَ تي. ٽاٽا اسڪاءِ ۽ DD ڊائريڪٽ پلس هلايا ويندا آهن.

ايئن اسان شري سُريش ڪيسواڻي جن جي اڳواڻيءَ ۾ ۽ دادا ڪومل جي ڪچهرين ۾ بينگلور جو دؤرو مڪمل ڪري ممبئي ڏانهن روانا ٿياسين.

## بينگلور کان بمبئي

25 سيپٽمبر  صبح جو ستين وڳي اسين بينگلور مان جهاز ذريعي روانا ٿياسين. سپ مرحلا طئہ ڪري ڏهين وڳي بمبئي ايئرپورٽ تي اچي لٿاسين. هن هوائي اڏي جو نالو ڇترپتي شيوا جي رکيو ويو آهي. شيوا جيءَ جا پوئلڳ اڄ تائين مسلمانن سان لڙندا اچن. هوائي اڏي تي اسان جي آدر ڀاءُ لاءِ دادا ناڳر چاولا، سندس وني پارو چاولا ۽ ڏيءُ پوجا جيڪا انڊين ايئر لائين ۾ آفيسر آهي، اسان جو آدر ڀاءُ چندن هارن سان ڪيائون. هوائي اڏي تان سڌو ''سيتا سنڌو ڀون'' پيجارو گاڏين ذريعي آندو ويو. ''سنڌو'' ڀون هوائي اڏي کان اڌ ڪلاڪ جي فاصلي تي هو. بمبئي ڪراچيءَ جهڙي پئي لڳي، ان ڪري جو هتان جون گهڻيون عمارتون انگريزن هڪ جهڙيون ٺهرايون هيون.

''سنڌو ڀون'' جي در تي سنڌي ڏهل شرنائين سان اسان جو آدر ڀاءُ ڪيو ويو. عمارت ۾ اڳ ئي دادا هري موٽواڻي، نند جويري، سُريش جيءَ جي وني دادي شڪنتلا جيڪا دادا رام پنجواڻيءَ جي ڏيءُ آهي، موجود هئي. بمبئي جي هن ڀون ۾ ٻہ سئو کن سنڌي اچي گڏ ٿيا هئا. اسان سان ملڻ لاءِ آيل هئا. دادي پارو ساز ڇيڙيو سندس پهريون سُر جنهن جا ٻول هئا، ''ڪهڙي ڪيان مهماني الا سڄڻ منهنجي

گهر آيا”. سيني کان گهڻا خوش پارو ۽ دادا ناڪر هئا. ان کانپوءِ سنڌ جي راڳين ذوالفقار علي، مظهر علي، صادق فقير ۽ برڪت سُرن جي ورڪا ڪئي. ان کانپوءِ ماني کائي هوٽل روانا ٿياسين. هوٽل روڊ روزوڊ پيا حاجي علي جي درگاهہ کان گهڻو پري نہ هئي، هي سمنڊ جو علائقو هو بہ ڪلاڪ هئا اسان وٽ، ان ۾ ڏيڍ ڪلاڪ ننڊ ڪئي، پوءِ تيار ٿي شام جو فنڪشن ۾ پهتاسين. هتي شري راج ڪمار ڪڪريجا، لتا جماڻي، شام جماڻي حيدرآباد مان آيل هئا. هي سنڌي سميلن جي ساليانی ميٽنگ لاءِ گڏ ٿيا هئا. فنڪشن مختصر هو. رات جي مانيءَ کانپوءِ هوٽل روانا ٿياسين. هوٽل پهچي ادا ڊاڪٽر گورڪاڻي ۽ سندس ونيءَ چيو تہ هلو تہ توهان کي پيا حاجي علي جو جوس پياري اچون. سو مان، ماهين ۽ حُسين شاهہ راشدي اُنهن جي لينڊ ڪروزر گاڏيءَ ۾ سندن ٻن ننڍڙن پُٽن ۽ هڪ ننڍڙي گُڏيءَ جهڙي ڌيءَ سان گڏجي جوس پيئڻ وياسين. ان مهل تقريباً رات جا ساڍا ڏهہ ٿيا هئا. هي علائقو ڪراچيءَ ۾ عبدالله شاهہ غازيءَ جي مزار جهڙو پئي لڳو. بس هڪ واضع فرق هو مزارن ۾ پيا حاجي عليءَ جي مزار سمنڊ ۾ ڪو ڏيڍ ڪلوميٽر پڪو ٺهيل رستو ٽپي اندر وچ آهي ۽ عبدالله شاهہ غازيءَ جي مزار سمنڊ ڪناري تي موجود ٽڪريءَ تي آهي، جنهن لاءِ مشهور آهي تہ هي بزرگ ڪراچيءَ ۾ ايندڙ ڪنهن بہ سامونڊي طوفان کي روڪيو بيٺو آهي. جوس پيئڻ کانپوءِ مون ديديءَ کي چيو تہ انڊيا گيٽ ڏسي سگهون ٿا؟ چيائين، “ها چو نہ.” اسان تمام گهٽ ٽريفڪ هئڻ ڪري پندرهن منٽن ۾ انڊيا گيٽ اچي پهتاسين. ان جي بلڪل سامهون تاج هوٽل جيڪو دنيا جي خوبصورت ترين ڏهن ستارن وارن هوٽلن مان هڪ آهي، ان کي ڏٺوسين. انڊيا گيٽ ڏانهن ويندي هڪ گاڏي اسان جي پويان ايندي رهي، اسين اجان لٿاسين مس تہ گورنمينٽ ايجنسيءَ جي ماڻهن اچي چيو تہ هيءَ جاءِ حساس آهي، توهان هتي گهڻي دير نٿا بيهي سگهو. ايئن اسين هوٽل موٽي آياسين.

26 سيپٽمبر صبح سان شري ڪانت جي جي پيءُ سان وقت رکيل هو. اسان سنڌ مان آيلن لاءِ هي ڏينهن خالي هو ڪو دادا نند جي گهر هليو ويو تہ ڪو دادا هريءَ جي گهر. باقي هتان جي سنڌين جو انٽرنيشنل سنڌي سميلن هو سڀ وڃي سنڌي ڪلب ۾ گڏيا هئا. اُتان مان ۽ ماهين شري ڪانت جي پيءُ سان گڏجي لنڪنگ روڊ تي شاپنگ ڪرڻ آياسين. مون تخليق، رچنا، امان ۽ سارنگ لاءِ شاپنگ ڪئي، ماهين بہ سيني لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ورتو. پوءِ هوٽل موٽي آياسين. شام جو بمبئيءَ ميوزيڪل شو رٿيل هو جيڪو سنڌي اڪيڊمي ۽ سنڌي

ڪائونسل آف انڊيا جي پاران هو. تيار ٿي فلاءِ اوورن تان سفر ڪندي ليلاوتي اسپتال جي پرسان عاليشان آڊيٽوريم ۾ داخل ٿياسين. اسين اڳيان وچي مهمانن ۾ ويٺاسين. پهرئين حصي ۾ ايوارڊ ڏنا ويا. جن ۾ هند جي شاعرن شري ايم ڪمل، آشا چاند. سُندري اُتم چنداڻي ۽ ٻين کي ايوارڊ ۽ چيڪ ڏنا ويا. سُندري جي پنهنجو ايوارڊ ۽ چيڪ پنهنجي نوجوان شاگردياڻيءَ کي اتي ئي گهرائي ڏنو. سڀني سندس ان مهانتا تي ڪيس اُٿي بيهي تاڙين سان داد ڏنو.

ان ڪانپوءِ ميوزيڪل شو جو باقاعده آغاز ٿيو. ان جي ڪمپيئرنگ مون، آشا چاند جي ۽ ماهين ڪئي. آخر ۾ انڊين ايئرلائين پاران رکيل دبي مان ڪُٽا ڪڍي لڪي ونر جي نالي جو اعلان ڪيو ويو. هن فنڪشن ۾ پنجاهه سالن کان وڏي عمر جا زال مڙس ۽ ڪي نوجوان جوڙا بہ آيل هئا. پر جيڪا رونق بزرگن جي چهري تي هئي اها نوجوانن جي چهرن تي بہ محسوس ٿي.

بمبئي انڊيا جي مهاراشٽرا صوبي جو ڪيپيٽل ۽ دنيا جي تمام وڏي آباديءَ وارو شهر آهي. تقريباً تيرنهن ملين شهري ۽ ست ملين آسپاس ٻهراڙي آهيس. 2007ع جي انگن اکرن مطابق هي شهر دنيا جو پنجون نمبر وڏي آباديءَ وارو شهر آهي. هي انڊيا جي فلم انڊسٽريءَ جو مرڪز آهي، جيئن آمريڪا جو هالي ووڊ مشهور آهي، ايئن انڊين فلم انڊسٽريءَ لاءِ دنيا جي نظرن جو مرڪز بمبئي آهي، انڊيا جي نقشي ۾ بمبئي سمنڊ جي ڪناري هڪ پيالي نما ٻيٽ جو ڏيک ڏئي ٿو. بمبئيءَ جو نالو هندو ديوي ممبا ديوي ۽ آئي جي نالي مان کنيو ويو آهي، جنهن کي مراٺيءَ ۾ ماءُ چئبو آهي. هتان جي موسم کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جيئن تہ بمبئي ٽراپيڪل زون ۾ اچي ٿو ۽ عربي سمنڊ جي صفا ويجهو آهي، ان ڪري هن کي ٻن موسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ تمام گهٽي گهم واري موسم ۽ ٻي خشڪ. گهم واري مارچ مهيني کان آڪٽوبر تائين، جنهن دوران 30 ڊگري سينٽري گريڊ (86 ڊگري فارن هائيٽ) پد رهي ٿو. مينهن جون ۽ سيپٽمبر دوران انتهائي تيز پون ٿا، جنهن لاءِ اسان جي گاڏيءَ جي ڊرائيور چيو "يهان باڙ آتي هي".
وڏ ۾ وڏ مينهن جيڪو ساليانو رڪارڊ مينهن هو اهو 1954ع ۾ پيو. جيڪو 3452 ملي ميٽر (135.89 انچ) هو. وڏ ۾ وڏ مينهن جيڪو هڪ ڏينهن ۾ رڪارڊ ڪيو ويو هو اهو هڪ ڏينهن ۾ 944 ملي ميٽر (37.16 انچ) هو جيڪو اسان جي

وڃڻ ڪان فقط ٻه مهينا اڳ يعني 26_7_2006 تي وسيو هو. نومبر ڪان فيبروريءَ تائين تيز ٿڌيون هوائون بمبئيءَ کي گهيري ۾ رکن ٿيون.

مالي طور بمبئي انڊين اڪانامي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو فيڪٽريءَ جي نوڪرين ۾ ڏهه سيڪڙو انڪم ٽيڪس ۾ 40 سيڪڙو انڪم ٽيڪس گڏ ڪرڻ ۾ 60 سيڪڙو ڪسٽم ڊيوٽي گڏ ڪرڻ ۾ 20 سيڪڙو ۽ ايڪسائيز ٽيڪس 40 سيڪڙو ۽ انڊيا ٻاهرين واپار مان 40 بلين (US$ 9 billion) ڪارپوريٽ ٽيڪس ڪمائي ٿي. صرف بمبئيءَ جي پرڪيپيٽيا آمدني 48954 آهي جيڪا نيشنل سطح ڪان ٽي ڀيرا ڀيٽي آهي.

هن شهر ۾ سنڌين جو وڏو حصو آباد آهي، جنهن علائقي ۾ سنڌين جي گهڻائي آهي، ان کي انهن الهاس نگر جو نالو ڏنو آهي. هتي سڄو ڪاروبار سنڌين وٽ آهي. بمبئيءَ جا سنڌي انٽرنيشنل مارڪيٽ جا اهم ڪاروباري آهن. نند جويري جو ڊائمنڊ جو ڪاروبار آهي. آگري جي لداڻي فيمليءَ جي پائرن مان هڪ پاءُ بمبئي فلم انڊسٽريءَ جو تمام اهم سيڙپڪار آهي. هتي سنڌ بينڪ جي نالي سان سنڌين جي بينڪ آهي، ان ڪاسواءِ اسٽيٽ بينڪ آف انڊيا، ٽاٽا گروپ گودرج ۽ ريلائنس ان سان گڏ پنج سئو انٽرنيشنل ڪمپنيون ۽ ايشيا جي سڀني ڪان قديم بمبئي اسٽاڪ ايڪسچينج هتي آهي. 1980ع ڪان بمبئي ٽيڪسٽائل ملز ۽ سي پورٽ ۾ ترقي ڪئي. بمبئيءَ ۾ جديد طبي سهولتون موجود آهن. جنهن ۾ ليلا وتي اسپتال ۾ ٻارڙن جي دل جي ڪليل آپريشن ڪئي ويندي آهي. ان ٻارڙن جي دل جي شعبي جو سڄو خرچ انڊيا جو اداڪار شاهه رخ خان پريندو آهي. سنڌ مان ڪيترائي ٻارڙا سگا ۽ دادا جشن پي واسواڻي جي مدد سان اُتان علاج ڪرائي آيا آهن، اهو سلسلو اڃ به جاري آهي.

هتي سينٽرل ۽ صوبائي ٻئي حڪومتون ڪم ڪن ٿيون، جنهن جي مختلف ڪاتن ۾ وڏين نوڪرين ڪان ننڍيون نوڪريون جهڙوڪر ڊرائيور، مڪينڪس، هاڪر ۽ پورٽ شپنگ انڊسٽريءَ سان لاڳاپيل ماڻهو اچو ڪائين ۽ پائين ٿا. هتان جا ماڻهو ڏاڍا محنتي آهن، صبح سان ايئن تيز ڊوڙندا هلچل ۾ محسوس ٿيندا جڻ وقت گهٽ ۽ مقابلو سخت هجي. دل ۾ خيال آيم ته ڪاش سنڌ جي هوٽلن تي ويهي نوجواني جا سال وڃائڻ وارن کي هنن جي محنت جي هڪ جهلڪ پسائجي ته ڪين ڪو احساس ٿئي ته زندگي ڪيڏي اهم ۽ محنت طلب آهي!

هي شهر ڏاڍي رش وارو عجيب شهر لڳو ڪٿي ايڏي اميري جو ٻن ماڻهن جي رهڻ لاءِ ٻہ ٻن هزار والن جا بنگلا ۽ وڏيون گاڏيون ۽ ٻئي پاسي ننڍڙي فوٽ پاٿ تي هڪ ڪپڙي جي چادر سان ڍڪيل ڇت هيٺان هڪ ماءُ پنجن ٻارن سوڌو ويٺل نظر آئي. هن شهر ۾ ڀارت جي هر پاسي مان تيزيءَ سان ماڻهو لڏي اچن ٿا پيا، اهو ئي سبب آهي جو هيئنر اڍائي ڪروڙ آبادي آهي هتان جي، جنهن ڪري پٽ ٿورو ۽ آبادي گهڻي آهي، اُن ڪري چالن ۾ ماڻهو رهن ٿا. باقي ان کان علاوه هتي گهر، توڙي رهائش تمام گهڻي مهانگي آهي.

شهر جو ٽوٽل لٽريسي ريٽ 86 سيڪڙو آهي. هتي مختلف مذهبن جا ماڻهو رهن ٿا، جن ۾ 68 سيڪڙو هندو، 17 سيڪڙو مسلمان، ڪرسچن ۽ جين 4 سيڪڙو، ٻين ۾ پارسي، سک، جيوز ۽ ايٿسٽ شامل آهن.

1991ع جي آدمشماريءَ مطابق ايٿنڪ گروپس جي آبادي ڪجهه هن ريت هئي: مهاراشٽرين (42 سيڪڙو)، گُجراتي (18 سيڪڙو) نارٿ انڊين (21 سيڪڙو)، تامل (3 سيڪڙو)، سنڌي (3 سيڪڙو)، ڪنڊاز (5 سيڪڙو) ۽ ٻيا آهن.

بمبئي ۾ 2004ع ۾ ڏوهن جا 27577 واقعا رڪارڊ ڪيا ويا. جيڪي 2001ع جي ڀيٽ ۾ 11 سيڪڙو گهٽ هئا، 2001 ۾ 30991 ٿيا هئا. شهر جي وڏي ۾ وڏي جيل آرٿر روڊ جيل آهي. هن شهر جو ڪلچر ڀارت جي ٻين شهرن کان گهڻو مختلف ناهي، هتان جا مسلمان روزا رکندا آهن، هندو ملسمان پاڻ ۾ شاديون ڪندا آهن، هرڪو پنهنجي پنهنجي مذهب سان هوندو آهي، ڪنهن بہ هڪ ڪي ٻئي جي مذهب تي اعتراض ناهي هوندو. هتان جا ماڻهو نورا تري، هولي، عيد، گڻيش چُترتي، ديپاولي ۽ مائونٽ ميري ڪارنيوال ملهائيندا آهن.

هتي ٽرانسپورٽ جا جيترا مسئلا هجڻ گهرجن ايترا ڏسڻ ۾ نہ آيا، ماحول کي گدلاڻ کان بچائڻ لاءِ رڪشا، بسون، ٽئڪسيون سپ سي اين جي تي هلن ٿا. تنهن ڪري ڪافي حد تائين دونهين تي ڪنٽرول ڪيو ويو آهي.

ڀارت تعليمي طور تمام گهڻو اڳيرو آهي، ان ڪري هتي ميڊيا تمام گهڻو مضبوط آهي، هتان اڻ ڳڻيون اخبارون، رسالہ، ٽي وي چينل ۽ ريڊيو اسٽيشنس آهن. اهم انگريزي اخبارن ۾ Times of India, Mid day, DNA, Hindustan Times, Mumbai Mirror ۽ Indian Express شامل آهن. ان کانسواءِ مرائي اخبارون جهڙوڪر "لوڪا ساتا" "ساڪال"، "لوڪ مات" ۽ مهاراشٽرا ٽائيمس، ٻين بہ ڪيترين انڊين ٻولين ۾ اخبارون ڇپجن ٿيون، ممبئي پراڻين اخبارن جي آفيسن جو گهر آهي، جن مان سڀني کان پُراڻي اخبار "بمبئي

سماچار" جيڪا انگريزي ۽ گُجراتيءَ ۾ 1822ع کان ڇپجي پئي. بمبئي درپن پهرين مراٺي اخبار جيڪا بال شاستري جمڀيڪر بمبئيءَ مان 1832ع ۾ جاري ڪئي. مشهور مئگزين ساپتا هڪ ساڪال، لوڪ پربها مراٺي ۽ India Today ۽ Out Look انگريزيءَ ۾ آهن.

ٽي وي چينل ۾ دور درشن ۽ چينل هلائي ٿو ٽي مين ڪيبل چينل گهريلو شين جي نشريات ڏيکارين ٿا. زي مراٺي، ETV مراٺي، DD Sayatri، Zee TV، اسٽار پلس ۽ ٻيا سيٽلائيٽ چينل. بمبئيءَ جي الهاس نگر ۾ سنڌ جو سنڌي TV چينل KTN صاف سٺرو ڏٺو ۽ پسند ڪيو وڃي ٿو. گذريل سال کان هر جمع تي شام جو ڇئين کان ڇهين وڳي ۽ ڪلاڪ دور درشن تي سنڌيءَ ۾ پروگرام ڏيکاريو وڃي ٿو. روزانو سوني انڊيا ٽي وي تي صبح سان دادا جشن پيي واسواڻي صبح جو پاڻ ڏئي ٿو. انهن ٻن ڪلاڪن جا پئسا بمبئيءَ جا سنڌي ڀريندا آهن.

هتي جو تعليمي سرشتو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، هڪڙو سرڪاري ۽ ٻيو پرائيويٽ. هتان جا ماڻهو پنهنجن ٻارن کي پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڙهائڻ کي ترجيح ڏين ٿا، ان ڪري جو سڄي تعليم انگريزي ٻوليءَ ۾ ڏني وڃي ٿي ۽ ٻيو ته پرائيويٽ اسڪولن جون عمارتون ۽ جديد سهولتن واريون آهن. ڏهن سالن جي اسڪولي تعليم کان پوءِ ۽ سال جونيئر ڪاليج ۾ سائنس، آرٽس ۽ ڪامرس ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي، ان ڪانسواءِ ڊانس جي تعليم ۽ اسڪولن ۾ عام ڏني وڃي ٿي.

بمبئيءَ يونيورسٽي دنيا جي جديد يونيورسٽين مان هڪ آهي. انجنيئرنگ اسڪول (VJTI)، (Veermata Jilabai Technological Institute)، ايس اين ڊي ٽي وومين يونيورسٽي ۽ ٽاٽا انسٽيٽيوٽ آف سوشل سائنس ۽ ٻيون ڪوڙ يونيورسٽيون موجود آهن. هتي ۽ اهم ريسرچ انسٽيٽيوٽ دي ٽاٽا انسٽيٽيوٽ آف فنڊامينٽل ريسرچ (TIFR) ۽ دي ڀاڀا اٽامڪ ريسرچ سينٽر (BARC). بمبئي اسڪول آف آرٽ، ڪيٿيڊرل اسڪول بمبئي جنهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو ميٽرڪ تائين پڙهيو انڊيا جي وڏي ليڪ ۽ پنهنجي پياري دوست پيلو مودي سان، جنهن اڳتي هلي پنهنجي ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دوستيءَ تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو "Zulfi My Friend". هي ڪتاب سندن دوستيءَ جي شروعات کان آخر تائين جي واقعن جو تاريخي دستاويز آهي.

بمبئيءَ جون تاريخي جايون سواءِ گيٽ وي آف انڊيا، تاج هوٽل ۽ بمبئي هاءِ ڪورٽ جيڪا تاريخي يادگار آهي، ڪالونيل برٽش راڄ جي بمبئيءَ ۾، پيا حاجي علي جي مزار جي وقت گهٽ هجڻ سبب ٻيو ڪجهه نه ڏسي سگهياسين. اسان

هوٽل مان شام جو ئي پيڪنگ ڪري سامان گاڏين ۾ وجهي آيا هئاسين. فنڪشن مان سڌو ننڍي ريسٽورنٽ جيڪا سڄي اسان لاءِ بُڪ ٿيل هئي، اتي ڊنر ڪيوسين، اُتي ئي فنڪشن مان اسان سان گڏجي آيل سنڌياڻين سان جام ڪچهري ڪئي، پوءِ هڪ وڳي ڏاري رات جو بمبئي ايئرپورٽ روانا ٿياسين. هوائي اڏي تي اسان ئي هئاسين. اُن ڪري جو اسان جي فلائيٽ جو وقت ساڍي پنجين وڳي صبح جو هو. ايئر انڊيا وارن اڳي اسان کي هارا پارايا ۽ VIP Lounge کولي سُريش ڪيسواڻي جي کي چيائون ته سڀني مهمانن سان اُتي اچي ويهو اُتي ويهي چانهيون پي هند ۽ سنڌ تي ڪچهريون ڪري نيٺ ٽائيم ڪُٽائي اچي جهاز ۾ سوار ٿياسين. جنهن صبح جو ساڍي ستين وڳي اسان کي احمد آباد پهچايو. جهاز ۾ کهاني گهر گهر کي جي اداڪاره شويتي ۽ اوشا اُتپ به احمد آباد تائين گڏ آيون.

## سڄڻ ۽ ساٿيھ ڪنهن اٽاسيءَ وسري

# حيدرآباد ۾ هڪ ڏينهن

حيدرآباد دکن زندھ دل سنڌين جو شهر آهي. دهليءَ مان صبح جو سوير تقريباً ساڍي ستين وڳي هوٽل بي ڪانٽينينٽل مان ايئرپورٽ روانا ٿياسين، هي اسان جي سفر جو ٽيون مرحلو هو. پهريون انٽرنيشنل فلائيٽ ذريعي انڊيا پهچڻ ، پوءِ ڪوچ ذريعي انڊيا جي وڏي ۾ وڏي صوبي اُتر پرديش (UP) جي تاريخي شهرن لکنؤ ڪانپور ۽ آگره جو سير ڪري اُتان جي سنڌين جو درشن ڪري هاڻ وري دهليءَ مان ڊوميسٽڪ فلائيٽ (ملڪ اندر جهاز جو سفر) ذريعي حيدرآباد دکن روانا ٿياسين.

دهليءَ جي اندرا گانڌي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تان صبح جو ساڍي ائين وڳي جي انڊين ايئرلائين جي جهاز ذريعي حيدرآباد دکن روانگي ٿي، جهاز ذريعي دهليءَ کان حيدرآباد جو شهر هڪ ڪلاڪ پنجٽيهن منٽن جو آهي ۽ ريل رستي ستٽيهن ڪلاڪن جو سفر آهي. اسين چاليھ ماڻهو هئاسين ٽوٽل. سريش ڪيسواڻي جڏهن بورڊنگ پاس ڪٽي آيا اهي تمام وڏي بندي جي صورت ۾ هئا. سيئي اچي جهاز ۾ سوار ٿياسين. جهاز جا دروازا بند ٿيا، هڪ ٽريڪ تان جهاز ٻئي ٽريڪ تي اچي انتظار ڪرڻ لڳو. ائين اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ رن وي مليو ۽ ٿوري دير ۾ زوزٽ ڪندو جهاز آسمان ۾ اُڏامڻ لڳو. ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ اسين حيدرآباد دکن جي راجيو گانڌي ٽرمينل تي لٿاسين. سامان هٿ ڪري ايئرپورٽ جي وي آءِ پي لائونج ۾ بيٺل ميزبانن جو انتظار ڏسڻ جهڙو هو. اسان جي انتظار ۾ نيڻ وڇايو بيٺا هئا. هتي شري شيام جماڻي (صدر آهن)، شريمتي لتا جماڻي (سندن سهڻي جيون ساٿياڻي) حيدرآباد، سيوا سمتي ٽرسٽ......... سندن وڏا شڪارپور جا هئا، هو اڄ بہ پاڻ کي شڪارپور سنڌ جو چوندي فخر محسوس ڪندا آهن. حيدرآباد جون

سنڌي فيمليون سيئي شڪارپوري هيون. هتان جا سنڌي مالي طور تمام گهڻا خوشحال آهن. ان ڪري زندهہ دل بہ ڏاڍا آهن. اسان کي ايئرپورٽ تان رسيو ڪرڻ شري شام جماڻي، آنٽي لتا جماڻي ۽ سندن ٻيا مٽ مائٽ آيا. اسان جو جهاز چاليهہ منٽ دير سان پهتو ايئرپورٽ جي وي آءِ پي لائونج ۾ گُم گُم ۽ چندن هار پارائي اسان کي ڀليڪار چيائون. ساڻن ملي ائين لڳو ڄڻ اڳ بہ نہ ڄاڻ ڪيترا ڀيرا مليا هجون. رجني آنٽي انتهائي پُرجوش نموني سڪ مان ڀتا ڀاڪر پئي پاتا. حيدرآباد جا سنڌي ڏاڍا خوش مزاج ۽ زندهہ دل هئا. ان جو سبب شايد اهو بہ آهي جو سندن ڪميونٽي انتهائي بااثر نموني هڪٻئي سان جُڙيل آهي.

اسان حيدرآباد هڪ ڏينهن لاءِ آيا هئاسين. سو جيئن ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتاسين تہ ڳاڙهي رنگ جي خاص بس جنهن ۾ اڪثر سرڪاري مهمانن کي سير ڪرائبو آهي، شيام صاحب اسان کي سير ڪرائڻ لاءِ گهرائي هئي، سيئي ڪلندا ان ۾ سوار ٿياسين. ايئرپورٽ ايريا شهر کان گهڻو پري نہ هو حيدرآباد دکن جيڪو مون سوچيو هو ان کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ ماڊرن، خوبصورت، ويل آرگنائيزڊ، صاف سٿرو شهر آهي. شهر جي بلڪل وچ ۾ تمام وڏي ڍنڍ آهي، جيڪا قدرتي نہ پر هٿرادو آهي. يقين نہ پئي آيو تہ ايڏي وڏي ندي آرٽيفيشنل ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟ ان جو ڪنارو انتهائي صاف سٿرو ۽ اُتي ٿهيل ننڍا پر يورپين اسٽائيل جا چانهہ ڪافي ۽ وائن شاپس هئا. نديءَ جي بلڪل وچ ۾ مهاتما گوتم ٻُڌ جو پٿر سان ٺهيل عاليشان مجسمو رکيل آهي، جنهن جو هڪ هٿ کُلهي تي رکيل آهي ۽ ٻئي هٿ سان مَن عالم کي آشيرواد ٿو ڏي. سٽارٽ جو مجسمو ڪيترائي سال نديءَ ۾ ڪري پيو هو پر ان کي ڪڍڻ لاءِ ڪابہ ڪرين يا مشين نہ هئي، پٿر جي مجسمي جو وزن تمام گهڻو هو نيٺ ٻاهران آندرا پرديش گورنمينٽ ماڻهو ۽ مشينون گهرائي پڳوان سٽارٽ جي هن مجسمي کي وري سندس ٺاهيل جاءِ تي ٻيهاريو نديءَ جي بلڪل وچ ۾.

ڳاڙهي بس مان لهي اسين اڇي هڪ تمام وڏي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿياسين. حيدرآباد جي موسم هلڪي ٿڌي هئي، گهاٽي جهڙ جي ڪري موسم بہ جڻ تہ اسان جو آڌر ڀاءُ هلڪي ڦوهار سان ڪيو. ٻيڙيءَ ۾ چڙهي اسان ماين رجني آنٽي، لتا آنٽي ۽ اسان سان گڏ ٻين ماين سنڌيءَ ۾ سهرا ۽ گانا ڳائڻ شروع ڪيا، جنهن ۾ "ٻيڙيءَ وارا منهنجا اداڙي مهاڻا لال تي ٿي وڃان" کان وٺي هو جمالوءِ ٻيا ڪيترائي گيت ڳايا. رجني آنٽيءَ ڊانس ڪئي ۽ اسين ڳائيندا، تاڙيون وڄائيندا رهياسين. پندرهن منٽن لاءِ ٻيڙيءَ مان اسان کي لاٿو ويو.

نديءَ جي بلڪل وچ ۾ بيٺل پڳوان جو درشن ڪرڻ لاءِ ۽ فوٽو گرافيءَ لاءِ اُتي آئيس ڪريم کارائي وئي. ۽ وري تڙ تڪڙ ۾ اچي پيڙيءَ ۾ سوار ٿياسين. ڪجهه دير ڪانپوءِ ساڳيءَ بس ۾ چڙهي وري ڳائيندا وڄائيندا منجهند جي مانيءَ لاءِ حيدرآباد جي سنڌين جي ريسٽورنٽ "موتل ۽ چمني" ۾ اسان منجهند جي مانيءَ لاءِ پهتاسين. هي ريسٽورنٽ يورپين اسٽائيل جي هئي. تمام گهڻي ماڊرن ۽ خوبصورت ڪلرفل روشنيون، هتي پهچي اسان جا اديب ۽ ڳائڻا باغ بهار ٿي پيا. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ ڪين پنهنجي پسند جا مشروب ملڻ لڳا. اسين ڪنڊ وٺي ميزبان ماين سان ڪچهري ڪرڻ لڳاسين. ان وچ ۾ ماني سروَ ٿي. ايڏا ته ڊشز هئا جو کهڙو ڪائي کهڙو ڪائجي. مون فريش جوس سان سيني حيدرآباد ڊشز مان ٿورو ٿورو ٽيسٽ ڪيو. يادگار لنچ ڪري اسين وري اچي بس ۾ سوار ٿياسين. هتان اسين مغلن جي نهرايل چار مينار کي ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين. هڪ چوراهي تي راجيو گانڌيءَ جو گولڊن مجسمو نهيل هو اُتي رجني آنٽيءَ ٻڌايو ته هي شهر راجيو جو تڪ رهيو آهي ۽ هتان ڪيس هر پيري سوپ ملي. هاڻ هتان سونيا گانڌي اليڪشن ۾ بيهندي آهي ۽ ڪيس به عوام ساڳي پرپور موٽ ڏيندو آهي.

رجني آنٽيءَ سان ڪچهري ڪندي هلندي بس مان اوچتو منهنجي نظر ڪراچي بيڪريءَ تي پئي، مون کان رڙ نڪري وئي. توهان جي حيدرآباد ۾ ڪراچي بيڪري!! ۽ اسان جي حيدرآباد ۾ بمبئي بيڪري وهه وا. پوءِ آنٽيءَ ٻڌايو ته هي شهر جي تمام پُراڻي بيڪري آهي، اها پڻ سنڌين جي آهي. روزانو لکين روپين جي سيل ٿيندي آهي. ان جا ڪيڪ ۽ ٻيون شيون سڄي ڀارت ۾ مشهور آهن. هڪ ٻي آنٽيءَ حيدرآباد جي مشهور بازار مان گذرندي ٻُڌايو ته هتي ڪپڙي کان وٺي سون ۽ ٻين شين جو ڪاروبار گهڻو تڻو سنڌين جو آهي، حيدرآباد ۾ ٽوٽل ستر هزار سنڌي رهن ٿا، پر هو تمام گهڻا پڙهيل لکيل آهن ۽ وڏو طبقو انٽرنيشنل بسنز سان لاڳاپيل آهن، جنهن جي ڪري هتان جي حڪومت ۾ به سندن گهڻو اثر رسوخ آهي.

اها ڪچهري ڪندي اسين اچي چار مينار واري علائقي پهتاسين. هي علائقو مسلمانن جو هو. حيدرآباد دکن ۾ مسلمانن جو وڏو تعداد آهي. مشهور ٽينس رانديگرياڻي ثانيا مرزا به چار مينار واري علائقي جي آهي. شهر جي عام زندگيءَ مان اهو پئي لڳو ته هي پُرامن شهر آهي. هتي موٽر سائيڪل هلائيندڙ ڇوڪريون به نظر نه آيون. ڪلاڪ جي ڊرائيو ڪانپوءِ چار مينار واري تمام رش واري علائقي مان چار مينار جي ڀرسان پهتاسين. گاڏيءَ مان لهڻ کان منع ڪيو ويو. ان ڪري جو وقت گهٽ هو. ڀوري ۽ ناسي رنگ جا چار مينار ڏسڻ جهڙا هئا. سُهڻي تعمير

ٿيل هن عاليشان تعمير سازيءَ جو هڪ نمونو آهن. اُتان ٽي واپسيءَ ۾ ساڳيا رستا ٽپي اسان کي اسراٽي انٽرنيشنل هوٽل آندو ويو جتي اسانجي رهڻ جو بندوبست ٿيل هو. ساڍي پنجين کان ستين تائين فريش ٿيڻ جو وقت ڏنو ويو. دل چيو تہ بازار وڃجي پر وقت نہ هو. تيار ٿي ستين وڳي اسان ڪلچرل شو لاءِ روانا ٿياسين.

اٺونجاهہ سالن کانپوءِ پھريون ڀيرو حيدرآباد دکن جا سنڌي، سنڌ جي سنڌين سان گڏجي رهيا هئا. هي پروگرام پارتيا وديا ڀون ۾ 23 سيپٽمبر جي شام جو رکيل هو. هن پروگرام جي پبلسٽيءَ لاءِ سنڌ ڪرونيڪل ماهوار مئگزين سنڌ مان آيل سيني مهمانن، اديبن، فنڪارن ۽ شاعرن جا نالا بہ ڏنا هئا ۽ شري سُرش جي جيڪي صدر آهن، سنڌي ڪائونسل آف انڊيا جا ۽ سنڌي اڪيڊمي دهلي آندرا پرديش جي گورنر شري شُڪلا ڪمار شندي ۽ سندس زال شريمتي اُجالا شندي جا پيغام شامل ڪيا ويا. ان کانسواءِ جماٽي آئيس ڪريم، سنڌڪو آپريٽو بينڪ، وشال بازار، ڪنچن گارمينٽ، بالاجي وشنو سويٽ هائوس، شيلا آرٽس ڪرافٽ، گيانيز جيولرز، پان آمريڪا، ڪومل ڪريشن، سيتا ايڪسڪليوز، جماٽي هولسٽڪ سينٽر ۽ ٻين سنڌي پنهنجا اشتهار، پيغام ۽ نيڪ تمنائن جا پيغام ڏنا. اسين شام جو ست لڳي پندرهن منٽن تي پارتيا وڌيا ڀون جي حال ۾ پهتاسين. ٻاهران سيڪيورٽيءَ جي فقط هڪ گاڏي عام گاڏين سان بيٺل هئي. خبر پئي تہ اندر گورنر آندرا پرديش آيل آهي.

اسان کي اڳيان وارين سيٽن تي ويھاريو ويو. شري سُريش ڪيسواٽي جن تقرير ڪئي. سنڌ جي تاريخ، ڪلچر ۽ ثقافت تي روشني وڌي. شري شام جماٽي جن پنهنجا ويچار ونديا ۽ گورنر صاحب جا ٿورا مڃيا.

آندرا پرديش جي گورنر تقرير ڪندي چيو تہ، "هي جيڪي سنڌي ڀائر آهن اسان کي انهن تي فخر آهي. اڄ هو خوشحال آهن. ڀارت جي خوشحالي ۽ ترقيءَ ۾ سندن اهم ڪردار آهي. پر جڏهن هو اٺونجاهہ سال اڳ هتي لڏي آيا هئا، تڏهن سندن کائڻ لاءِ ڪجھ بہ نہ هو رهڻ لاءِ اَجھو نہ هو پر آئون اها ڳالھہ دعويٰ سان ٿو چوان تہ مون ڪڏهن ڪنهن سنڌيءَ کي ڪنهن جي اڳيان هٿ جهليندي نہ ڏٺو آهي. هي ڏيڻ وارن مان آهن، وٺڻ وارن مان ناهن. اسان کي فخر آهي جو اهي اڄ اسان جو حصو آهن." اهي لفظ شري شڪلا ڪمار شندي جن چيا اسان جي پنهنجن سنڌين جي عزت اسان جي نظر ۾ اڃان بہ وڌائي ڇڏي، مون مووي ناهي گورنر جي تقرير جي. اسان سان گورنر صاحب جو فوٽو سيشن ٿيو. ان کانپوءِ ذوالفقار ۽ مظهر حسين گڏجي ڪلچرل ميوزيڪل ايوننگ جو آغاز ڪيو. پوءِ واري واري سان ٻين فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. پروگرام

ختم ٿيو تہ اسان سان ٽوئين سٽي حيدرآباد، سڪندر آباد شهر جا سنڌي ملڻ آيا. انهن ۾ گهڻو ڪري جوڙا هئا، ڪي نوجوان زال مڙس ۽ ڪي وڏي عمر جا. هڪ وڏيءَ عمر جي چاچا مون کان پڇيو تہ تنهنجي شادي ٿي آهي؟ مون چيو "نہ" چيائين، "هي منهنجي زال ۽ مان گذريل چاليهن سالن کان (پاڪر پائيندي) هيئن گڏ آهيون. تو شادي ڇو ناهي ڪئي، هاڻي هتان واپس وڃي ضرور ڪجان." مون کلندي کين جواب ڏنو "شادي ضرور ڪنديس پر اهڙو وفادار ماڻهو ملي جيڪو چاليهہ سال مون سان گڏ هجي." اسان لاءِ خاص چار مينار جا مانيومينٽس تيار ڪرايا ويا هئا. اهي تحفي ۾ ڏنا ويا. ان ڪانپوءِ ڪمري ۾ پهچي بس بيڊ تي ليٽڻ سان ئي ننڊ اچي وئي. صبح جو ڇهين وڳي اُٿي تيار ٿي هتان جي سنڌين جي پاڙي ۾ نهيل سنڌو پون مندر ۽ سنڌين جا پاڙا مسٽر ۽ مسز شيام جماڻيءَ سان گڏجي ڏٺاسين. هتان جا مرد ۽ عورتون زال مڙس ڏاڍا لبرل ۽ پروگريسو سوچ وارا آهن، عورتن کي پنهنجن ڪاروباري معاملن ۾ گڏ گڏ رکندا آهن، هتي حيدرآباد ۾ آفيس توڙي گهريلو زندگيءَ جا فيصلا اڪثر عورتون ڪنديون آهن.

اسين شري شيام جماڻي ۽ سندن سُهڻي ساڙهيءَ ۾ ملبوس شريمتي لتا جي کان موڪلائي ايئرپورٽ روانا ٿياسين. ساڍي ڳاڙهي بس ۾ ايئرپورٽ پهچي سامان روانو ڪري پاڻ اچي ڪافي شاپ ۾ ويٺاسين. حميد سنڌيءَ جن منهنجي مٿي تي هٿ رکي چيو "هيءَ اسان جي دلبر صحافي دوست جي ڌيءُ آهي." ڪومل لڇمڻ جي کين وراڻيو "ها يار، ڏاڍو پيارو ماڻهو هو اصل وسري ئي نٿو." راشدي صاحب اچي چيو "رڳو چانيهون ڪافيون پيئڻ ۾ مصروف آهيو، سامهون گفٽ شاپ اٿوَ وڃي حيدرآباد هيرن سان جڙيل چوڙيون وٺو ڪا شاپنگ ڪريو." اُما جيءَ چيو "هي ايئرپورٽ وارا دُڪان ڏاڍا مهانگا آهن." مون ماهين کي چيو "هل پلا وٺون ڪٽي نہ، ڏسي تہ اچون." ڏاڍيون سهڻيون چوڙيون هيون. مون بہ سيٽ تخليق ۽ رچنا لاءِ ورتا. دڪان تي اخبارون رکيل هيون. ٽن اخبارن ۾ اسان جا فوٽو هئا. هڪ تہ دڪاندار پاڻ ڪڍي ڏني، "هي توهانجو فوٽو آهي نہ." آئون کلي پيس. هائوڪار ڪيم. تصوير هيٺان لکيل هو "سنڌ، پاڪستان مان آيل مهمان ناري گورنر شري شُڪلا ڪمار شندي جي تقرير رڪارڊ ڪندي." ساڻن ملهايل شام پارتيا وڏيا پون ۾ پاران سنڌي موهتو سوي (On Firday) فوٽو Pavan By. حيدرآباد مان نڪرندڙ ٽيهہ اخبارون انگريزي، اردو ۽ هنديءَ ۾ نڪرن ٿيون.

ائين اسين هڪ ڏينهن هڪ رات جو حيدرآباد دکن جو يادگار ٽرپ هڻي چوويهين سيپٽمبر 2005ع تي صبح جو نائين وڳي جهاز ۾ چڙهي بينگلور روانا ٿياسين.

# احمد آباد

صبح جو ساڍي ائين وڳي احمد آباد ايئرپورٽ تي لٿاسين. اسان جا ميزبان اڳين ۾ انتظار ۾ اوسيئڙو ڪنيو بيٺا هئا. جن ۾ شري گوبند خوشحالاڻي ۽ ديپ جي هئا. سڌا هوٽل روانا ٿياسين. شهر جا رستا تمام ڪُشاده ۽ صاف سٿرا هئا. هتي اسان جي رهائش هوٽل رائل هاءِ نيس ۾ هئي. هوٽل پهچي احساس ٿيو ته ٿڪاوٽ ۾ اکيون پاڻ بند پئي ٿيون. آءُ بنا ناشتي ڪرڻ جي سمهي رهيس. ساڳئي ڏينهن تي ڪنهن سرڪاري آفيشل جي دعوت هئي. ان لاءِ انٽرنل فون تي رسيپشن تان فون پئي آيا پر تيار ٿي دعوت ۾ وڃڻ جي همت ئي نه هئي. پوري هفتي جي ٿڪاوٽ هٽي لاهه ڪيري ڇڏيا.

28 سيپٽمبر تي رات جو ٽائون هال ۾ اسان جي مان ۾ تعارفي پروگرام ۽ راڳ رهاڻ جي محفل ٿي. جنهن ۾ هزار کن سنڌي احمد آباد ۽ ان جي آسپاس شهرن مان خاص اسان سان ملڻ آيل هئا. جن ۾ ڪلاڪار ۽ گهنشام ساگر سان به ملاقات ٿي. ڪلاڪار ٻنيءَ جو نوجوان ليکڪ آهي. ٻنيءَ جي سنڌي ڳوٺن جا احوال ڪيائين. ٻنيءَ وارو علائقو ڪڇ ۾ آهي. شايد اهو ئي جنهن کي حضرت آدم جي ٻني سڏجي ٿو. ڪڇ ۽ راجستان ۾ بيشمار سنڌي مسلمان آباد آهن. انڊيا جي سفر دؤران سنڌي مسلمان رڳو احمد آباد ۾ ئي مليا. باقي ٻين شهرن ۾ هندو سنڌي ئي اسان جا ميزبان هئا. جن بي انتها محبتون ۽ نه وسرندڙ يادن جو سلسلو اسان سان هميشه لاءِ جوڙي ڇڏيو. محفل ۾ سيني ڳايو ناچ ڪيو پنهنجن سان ملڻ پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ جا هي اڻ وسرندڙ لمحا اسان لاءِ ۽ انڊيا جي اُنهن يارنهن شهرن ۾ جتي اسين وياسين. سڀني لاءِ هميشه امر رهندا.

ٻئي ڏينهن تي احمد آباد سان گڏ گاديءَ واري شهر گانڌي نگر کان ٿيندا سردار نگر ۾ ٻين وسندين کي ڏٺو سين. مشاعرو ٿيو اُتي ئي منجهند جي ماني کارائي ويئي. اسان کي هڪ نئون زير تعمير سماجي ڪامپليڪس ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويا. اُتي اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيائون ۽ موٽياسين. شام جو ڪوبہ پروگرام طئي ٿيل نہ هو. شام جو شاپنگ ڪري رات جي ماني هوٽل ۾ ئي کاڌي ۽ سوير ئي سڪون جي ننڊ ڪرڻ جو موقعو مليو. صبح جو ساڍي اٺين تائين تيار ٿي نيرن ڪرڻ آياسين. اُتي باقي ڏينهن جو پروگرام ٻڌايو ويو. منجهند جي مانيءَ لاءِ ساڍي ٻارهين لڳي ويڄو هو ان کان اڳ ۾ سينئي کي پيڪنگ لاءِ چيو ويو ان ڪري شام جو اسان جي روانگي هئي اجمير شريف ڏانهن. ٽرين رستي وڃڻ جو پروگرام هو.

منجهند جي مانيءَ کان اڳ ۾ هڪ ڪلاڪ جو وقت بچيو پئي. سُريش ڪيسواڻيءَ (انڊيا ۾، اسان جو ميزبان) چيو تہ توهان کي احمد آباد شهر ٿا گهمايون. هي شهر پُرسڪون شهر هو ۽ غربت بہ ڪجهہ گهٽ ڏسڻ ۾ آئي، هتان جا سنڌي گهڻو ڪري واپاري آهن. شهر جي وچ ۾ هڪ هٿرادو ندي آهي، جيئن اڪثر يورپ جي شهرن جي وچ مان درياهہ وهندا آهن. هيءَ درياهہ تہ نہ هو پر هٿرادو ڍنڍ هئي، تمام وڏي هئي، هتي ٿوري دير لهي فوٽو ڪڍياسين. راشدي صاحب بہ فوٽو ڪڍيا. هن نديءَ شهر جي سونهن ۾ بهترين اضافو ڪيو. نديءَ جو نالو وسري ويو اٿم. پوءِ اسان کي راجستاني ريسٽورنٽ وٺي ويا. جيڪا ڪافي پري هئي، رستي تان گُذرندي نوجوان نارين کي موٽر سائيڪل هلائيندي ڏسي خوشي ٿي تہ هتان جي عورت ڪيتري خود مختيار آهي، هتي اسڪوٽر گهڻو ڪري شاگرد نارين ۽ نوڪري پيشہ عورتون هلائين ٿيون. دونهين کان بچڻ لاءِ مٿي تي هيلمٽ ۽ نڪ کان ڳچي تائين رومال ٻڌيو چڙهين. هتي زندگي روان دوان هئي، هرڪو پنهنجي ڪم ۾ مصروف هو. هن شهر جي ڪجهہ حصن حيدرآباد جهڙو ڏيک پئي ڏنو.

راجستاني ريسٽورنٽ ڏاڍي خوبصورت هئي، اُتي اسان جي اڳيان وڏا ٿال اچي رکيائون. ڏسي حيران ٿي وياسين. ٿوري دير ۾ راجستاني ڊريس پاتل ويٽر آيو. جنهن وٽ هڪ ئي وقت ڇهہ ڊشن جا پيالا هئا، انتهائي ڦڙتيءَ سان سينئي کان پڇندو، اسان جي سامهون پيل ٿالهن ۾ وجهندو ويو. سيئي ڊشز ڀاڄين جا هئا، ڪاڏا ڏاڍا تيز مرچن ۾ ٺهيل هئا، مان گهڻا تيز مرچ ناهيان کائيندي، بابا کي مرچن وارو کاڌو بلڪل پسند نہ هو ان ڪري شروع کان امان گهر ۾ مزيدار پر گهٽ مصالحن

وارو ڪاڏو ٺاهيندي هئي. ان ڪري مون ڍڍي، گوار، دال ۽ چانور ڪاڌا. ڏاڍا لذيذ هئا. مان ڪائڻ کان وڌيڪ فوٽو ڪيڍڻ ۽ رڪارڊنگ ڪرڻ ۾ مصروف هيس. اتان اسان لينڊ ڪروزر گاڏين ۾ چڙهي احمد آباد جي مرڪز کان اٽڪل اٺ ڪلوميٽر پري سرڪيج روضہ ڏانهن روانا ٿياسين. جتي سلطان محمود بيگڙي جو مقبرو ۽ احمد شاھ جو مقبرو آهي. ٻنهي مقبرن جي وچ ۾ ايوان آهي. اسان ٻئي مقبرا ڏٺا ۽ ٻاهر نڪري آياسين پر هنن سان بلڪل گڏ هڪ قديم ڪامپليڪس آهي. هڪ بروشر ڏنائون، جنهن موجب سرڪيج گُليءَ جي پيداوار سبب مشهور رهيو آهي. آءٌ سمجهان ٿي تہ سرڪيج زرخيز جي بگڙيل صورت ٿي سگهي ٿي. روضو هڪ منفرد عمارت آهي. هن جي بناوت عربي، هندو ۽ جين روايتن موجب ٿيل آهي. شيخ احمد کَٽُو سرڪيج ۾ اچي سڪونت پذير ٿيو. احمد آباد جي همير ۾ هن جون دعائون شامل آهن. احمد آباد جو باني سلطان احمد شآھ هو. شيخ احمد کٽوءَ ڍنڍ جي کوٽائي ۽ تعمير شروع ڪرائي جا سلطان محمود بيگڙي مڪمل ڪئي. بيگڙي جو مقبرو بہ وڏن پٿرن سان تعمير ٿيل آهي. مقبري اندر ٻيون ڪنهن جون قبرون آهن، اهي گهٽ روشنيءَ سبب نہ ڏسي سگهياسين. ڍنڍ جي اُتر ۾ محل آهي ۽ هڪ جامع مسجد بہ ويجهوئي آهي.

سرڪيج روضي جو تعميري ڪم 1446ع ۾ شروع ٿيو ۽ ڇهن سالن ۾ مڪمل ٿيو. رات جو ا جمير شريف ڏانهن ريل ۾ وڃڻ لاءِ اچي اسٽيشن تي سهڙياسين، هتي پهچي خبر پئي تہ اسان جون فنڪارائون هوٽل رهجي ويون آهن، اُنهن لاءِ سڀ ڏاڍا پريشان ٿياسين. پر دادا سُريش ڪيسواڻي سيني کان گهڻو پريشان هو. نيٺ اڌ ڪلاڪ جي انتظار کان پوءِ سونيا ڪنول، نرما، سندن والده ۽ شازيہ منظور اچي پهتيون ريلوي اسٽيشن. ائين اسين اچي پنهنجين بوگين ۾ ٽانيڪا ٿياسين. ٺيڪ ساڍي ائين وڳي ريل رواني ٿي، وچ ۾ ڪٿي بہ غير ضروري طور نہ بيٺي، صبح جو ساڍي ڇهين وڳي اجمير شريف جي ريلوي اسٽيشن تي پُهتاسين.

# اجمير شريف

جيئن ريل اسٽيشن تي پُهتي، اسان پنهنجا سامان سنڀالي لهڻ جي ڪئي تہ باهران دهلن ۽ شرنائين جو آواز آيو. در مان جهاتي پائي ڏٺم تہ هٿن ۾ چندن هار ڪنيل هٿن ۾ ڳاڙهن گلابن جا گُل، دهل شرنائين تي نچندڙ ماڻهو ڏسي دل خوش ٿي، پرهہ ڦُٽيءَ مهل هي منظر ڏاڍو وڻيو. مون سمجهيو تہ اسان سان گڏ ريل ۾ شايد ڪو وزير سفر پيو ڪري، جنهن جي آڌر ڀاءُ لاءِ هي سڀ منڊل مچايو اٿن. پر خبر تڏهن پئي جڏهن بوگيءَ مان لٿاسين تہ اهي گُل اسان تي نڇاور ڪيا ويا. چندن هار پارايا ويا. دهلن شرنائين سان ريلوي اسٽيشن کان ٻاهر وٺي آيا. هي سڀ ڏاڍو سٺو لڳو هتي اسان جا ميزبان شري نارائڻ شهاڻي "ڀڳت" هئا. جيڪي سنڌي ڪائونسل آف انڊيا جا اجمير شريف جا صدر ۽ عهديدار هئا. اجمير شريف سيوهڻ شهر جهڙو لڳو. شايد ان ڪري جو اُتي قلندر شهباز جو روضو آهي ۽ هميشہ زيارتين جي اچ وڃ رهي ٿي ۽ اجمير ۾ وري خواجہ معين الدين جي مزار آهي، جتي پڻ زيارتي پارت توڙي ٻين ملڪن مان حاضري ڀرڻ اچن ٿا.

اجمير شريف جي آبادي بہ لڳ ڀڳ سيوهڻ جيتري ٿيندي. شهر ۾ ڪي وڏيون عمارتون بہ نظر نہ آيون، سواءِ بہ ماڙ چند عمارتن جي. اسان کي پهاڙيءَ تي ٺهيل محل جهڙي هوٽل آندو ويو. ڪمرن جون چابيون وصول ڪري ڏاڪڻين ذريعي مٿي آياسين تہ ديوارن تي هنديءَ ۾ شعر لکيل هئا. جيڪي سمجهہ ۾ نہ آيا

۽ پڙهي بہ نہ سگهيس. ان سان گڏ ئي تمام وڏي سائز جون عورتن جون پينٽنگز ٽهيل هيون. هڪ لمحي لاءِ ائين لڳو تہ اهائي عورت هن محل جي راڻي هئي. پر شايد اهو منهنجو ئي خيال هو حقيقت نہ هئي. اسان پنهنجي ڪمري ۾ پهتيون سين. ڪمرو ڏسي حيرت ٿي. چار ڊبل بيڊ رکيل ڪمرو، پوءِ بہ جام جاءِ بچيل هئي. ٻن پاسن کان گئلري، ڪمري جي ڇت تمام گهڻي مٿي هئي. اصل ڪمرا هالن جيترا وڏا هئا. ڪنهن صورت هي هوٽل هوٽل نہ لڳو. گرائونڊ کان هڪ فلور مٿي هو. وچ تي ايوان هو ۽ پاسن کان رهائشي ڪمرا. ٻن ڪمرن جي وچ ۾ بہ در هو، پر اسان اهو ڪمرو جهليو جنهن جو هڪ در هو ۽ بہ پاسا گئلري، مون ڪمري جو جائزو وٺي گئلريءَ مان ٻاهر جو واءُ سواءُ ورتو. آءٌ اوچي پهاڙيءَ تي بيٺل هيس، وڊيو ڪئميرا ڪڍي ڪجھ سهڻا منظر فلمبند ڪيم. صاف سٿرو چٽو بليو آسمان هو هڪ پاسي کان اڇي مصريءَ جهڙا ٿورا ڪڪر ڪر ڪنيو بيٺل نظر آيا. هيٺ ڊائيننگ هال ۽ رسيپشن هو ٻئي طرف هڪ ٽڪريءَ تي ساون ولين مان وچ ۾ ڪافي وڏو ڦوهارو هو. ان جي سامهون تمام وڏو لان هو جتي سائي ڇپر هئي. اهو سڀ ڏسي پراڻي طرز جي تعمير ڏسي پڪ ٿي تہ هي محل هو جيڪو هاڻ ڪنهن جو هوٽل آهي، مون ان بابت معلوم ڪرڻ چاهيو پر ڪنهن ڪا مطمئن ڪندڙ جاڻ نہ ڏني.

ڪلاڪ کن ۾ تيار ٿي گورنمينٽ ڪاليج اجمير جي دعوت ۾ پهتاسين. هڪ هال ۾ ڪاليج جي انتظاميہ هڪ دعوت جو بندوبست ڪيو هو. انهن ۾ سيني کان خوش هڪ خاتون هئي، جيڪا شريمتي ڪملا گوڪلاڻي، جيڪا اجمير شريف جي واحد سنڌياڻي آهي، جنهن سنڌي اسڪرپٽ واري سنڌيءَ ۾ ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي. ڪملا جي هتان جي سنڌي شعبي جي هيڊ آهي. اسان سان ملي سيني کي سرهائي ٿي. اسان سيني پنهنجو پنهنجو تعارف ڪرايو. اسان سان گڏ بہ ڪي استاد هئا، جن ۾ سائين عبدالجبار جوڻيجو اياز گل، ادل سومرو، اسحاق سميجو، پوءِ اُتان جا سنڌي استاد جيڪي عربي اسڪرپٽ واري صورتخطيءَ واري سنڌي پڙهائين ٿا، اُنهن سان اسان کي ملايو ويو. هڪ غير سنڌي مائيءَ سنڌيءَ ۾ گيت ڳايو. ٻين بہ ڪلام ڳايا. اسان کي تحفي طور شيلڊون ڏنيون ويون. اُتان اسين حضرت معين الدين چشتي ءَ جي مزار جي زيارت لاءِ روانا ٿياسين. مزار تي پهچڻ کانپوءِ هڪ بازار طئي ڪري مقبري جي مين گيٽ وٽ جوتا لاهي اندر داخل ٿياسين. مون پنهنجو سينڊل لاهي گاڏيءَ ۾ رکي ڇڏيو هو.

اندر گهڻي رش هئي. مزار ۾ اسين سجاده نشين جا مهمان هئاسين. اسان کي گُلن جون ٽوڪريون ڏنيون ويون. زيارت لاءِ جڏهن لائين ٺاهي اندر وڃڻ لڳاسين اسان ڇوڪرين کي چُنريون تحفي طور ڏنيون ويون ۽ مردن کي مٿي تي ٻڌڻ لاءِ گلابي رومال. ان مهل ادا اسحاق کلي چيو "ڪاش اسين بہ مايون هجون ها." سڀ کلڻ لڳاسين. مزار ۾ اندر داخل ٿي دل سان دعائون گهريون سين. منهنجي پرسا آپا ممتاز هئي، اسان ٻنهي فاتح پڙهي دُعا گهري تہ روئڻ اچي ويو. آپا ممتاز چيو "مون تو لاءِ دعا گهري آهي، الله سائين سهڻا نصيب ڪري تنهنجا. ڏس توکي ڳاڙهي چُني ملي آهي، انشاءَ الله هاڻ جلد تون خوشخبري ڏيندينءَ پنهنجي شاديءَ جي." ڀاڪر پائيندي چيائين. سامهون ادا احمد سولنگيءَ کي روئندي دعا گهرندي ڏٺم، سندس دعا اُتي ئي قبول ٿي وئي هئي. مطلب تہ هو احمد آباد ۾ ئي نرما ڪنول کي دل ڏيئي وينو هو.

ان کان پوءِ سيني کي هڪ ورانڊي ۾ آندو ويو جت هند ۽ سنڌ جي راڳين گڏجي راڳ ۽ ڀڄن ڳايا، فوٽو سيشن ٿيو اسين ميزبانن کان موڪلائي ٻاهر نڪتاسين تہ خبر پئي تہ شيخ حسينا بنگلاديش جي وزيراعظم بہ اُتي آيل هئي. اسين ٻاهر نڪري پنهجون گاڏيون ڳولڻ لڳاسين. آءٌ پنهنجي گاڏيءَ ۾ پهچي دروازو کولڻ لڳس تہ خبر پئي تہ اها گاڏي حسينہ واجد جي آهي، جنهن جو رنگ ساڳيو سلور هو جنهن ڏيڊ ڪلاڪ اڳ ۾ اُتي ڊراپ ڪيو هو. پوءِ خبر پئي تہ سوڙهہ جي ڪري اسان واريون گاڏيون اُتان ٿورو پري بيهاريون ويون آهن.

شام جو هوٽل جي پوئين لان ۾ پُرتڪلف ڊنر جي دعوت رکيل هئي. تيار ٿي اُتي پهتاسين، هڪ پاسي متارن جي محفل هئي تہ ٻئي پاسي آءٌ، آپا ممتاز ماهين هيسباڻي، شري ڪانت، ان جي وائف پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا رهياسين، اُتي راڳ رهاڻ جو سلسلو بہ هلندو رهيو.

رات جو ٻارهين وڳي ڌاري ڪمرن ۾ وياسين. صبح جو سوير جئپور بس رستي روانو ٿيڻو هو.

# گلابي شهر جئپور

اجمير کان جئپور پنجن ڪلاڪن جو سفر هو. بس رستي اسين سوا هڪ وڳي ڌاري جئپور پُهتاسين. جتي اسان جي رهائش جو بندوبست (Teej Hotel) ۾ ٿيل هو. هوٽل جي سامهون موتي محل سئنيما هئي.

مان ۽ ماهين ٻي ماڙ تي ڪمري ۾ رهيون سين. هتي اسان کي ٽي ڏينهن رهڻو هو. 30 سيپٽمبر تي اسين جئپور پهتاسين. ٻهرين ۽ ٻي تي اسان جا سيمينار ۽ ڪانفرنسون هيون. ٻهرين آڊيوگ پون ۾ ڊرامي تي سيمينار ٿيو جنهن ۾ خاص ليڪچر عبدالجبار جوڻيجو جو هو. قمر شهباز بہ انتهائي ڪارائتو ليڪچر ڏنو. پوءِ سليم ميمڻ ۽ شوڪت شورو صاحب ۽ ٻين بہ ڳالهايو. لنچ کانپوءِ مختلف جايون ڏيکارڻ لاءِ بس ۾ وٺي ويا. هوا محل، جنتر منتر، بازارون ۽ پري کان قديم قلعا ڏناسين، اهي گهڻو ڪري شهر جي ٻاهران جبلن تي هئا.

شهر جون اهم بازارون گلابي رنگ جون آهن. ان ڪري هن پاسي کي پنڪ سٽي سڏيو وڃي ٿو. هتي اسان جي ميزبان شري سُندر اگناڻي جي سنڌي ڪائونسل آف انڊيا جئپور جا صدر هئا، ان ڪانسواءِ جئپور سپريم ڪورٽ جو

چيف جسٽس اندر سن ايسراڻي جي هئا، جيڪي اصل لاڙڪاڻي مان لڏي ويا هئا. اندرسن جي طبيعت جا بہ تمام نرم ۽ خوش طبع آهن. اُنهن ڪان مون ويهن منٽن جو انٽرويو ورتو.

مان ماهين ۽ آپا ممتاز سيمينار مان نڪري شاپنگ ڪرڻ بازار هليون ويون سين. سڄي گُلابي بازار هر دُڪان جو رنگ گلابي دُڪان جي مهاڙي تي ڪاري پٽي نهيل هئي، جنهن تي اڇن اکرن سان دُڪان جو نالو لکيل هو. اُنهن جي اڳيان ننڍي وڏي سائز جا پولڙا سون جي تعداد ۾ وينل هئا، جڻ تہ اهي بہ واپاري هجن. بازار پُهچي حيرت ٿي، هر دڪاندار سنڌي هو. ومي سڌار نگاڻيءَ ٻڌايو تہ هتي سٺ سيڪڙو دُڪاندار سنڌي آهن. اسان جتان جتان خريداري ڪئي، اُتي سنڌيءَ ۾ ڳالهايوسين. ڪين ٻڌايوسين تہ اسان سنڌ مان آيا آهيون، اهو ٻڌي ڪجهہ رعايت بہ ڪيائون ۽ خوشيءَ جو اظهار بہ. الياس عشقي جئپور جو آهي، هُن پنهنجن دوهن ۾ گلابي شهر کي بہ ياد ڪيو آهي.

2 آڪٽوبر تي پهريون ادبي سيمينار اديوگ ڀون ۾ شعر تي هو ۽ اوچتو اديوگ ڀون واري لنچ جي انتظام کان نابري واري ڇڏي. هڪ ڏينهن اڳ تہ اهڙي ڪا ڳالهہ نہ هئي. ان ڪري اسان سڀئي ڪپتا ڀون ڏي هليا وياسين. اُتي ڪهاڻيءَ تي سيمينار ٿيو. ان ۾ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ بهترين مقالو پڙهيو ان تي لکمي کلاڻيءَ پنهنجي راءِ بہ تفصيل سان ۽ اعتماد سان ڏني. نثري نظم واري سيمينار ۾ اسحاق سميجي، پريم پرڪاش، ادل ۽ ستيش روهڙا جي حصو ورتو. ماني کائي هوٽل آياسين. هوٽل ويجهو ئي سائين ٽئيون رام ٽنڊي آدم وارو جو نڪاٽو هو. جئپور ۾ پڳڙي ٻڌائي جئپوري ڪوٽي پارائي فوٽو ڪيرايائون. اهي فريم ڪرائي ٻين تحفن سان گڏ ڏنائون. ڪيسي جي واچ ۾ ڊائل تي بہ اهو فوٽو لڳائي ڏنائون. ڊنر ڪانسواءِ رويندر منچ تي راڳ رهاڻ ٿي.

جئپور بلڪ راجستان هڪ منفرد ۽ شاهوڪار ثقافت وارو صوبو آهي، جيڪو ائين چئجي تہ سنڌ جو پاڙيسري آهي. وڌيڪ معلومات جيڪا مون هٿ ڪئي اها هيءَ آهي.

البرٽ هال ميوزيم جنهن کي مرڪزي عجائب گهر چئبو آهي، جيڪو رام نواس باغ ۾ تعمير ٿيل آهي، نهايت خوبصورت عمارت آهي، 1876ع ۾ شهزادي البرٽ جي هٿان افتتاح ڪرائي قائم ڪيو ويو هو. هن ميوزيم ۾ روايتي هٿيار، گهرو هنر ۽ آثار قديمہ جي شين جي خوبصورت نمونن نمائش ڪيل آهي.

البرٽ هال جي پرسان رام نواس باغ ۾ اسان جي مان ۾ هتان جي سنڌين شام جو چار وڳي هڪ فنڪشن جو اهتمام ڪيو. جنهن ۾ وزير اعليٰ شريمتي نرملا ديوي خاص مهمان طور آئي. ان ڏينهن گانڌيءَ جو جنم ڏينهن هو. سورستن تي ماڻهو احتجاج لاءِ لکن جي تعداد ۾ نڪري آيا هئا. انهن جو اهم مطالبو اليڪشن جا قانون تبديل ڪرڻ هو. ان ڪري رام باغ پهچڻ جا سڀ رستا بند ڪيا ويا هئا. ايڏي تعداد ۾ احتجاج ڪندڙ ماڻهو پُرسڪون هئا. اهو سڀ 2 آڪٽوبر تي ٿيو.

راجستان قديم وقت کان هڪ راجواڙو ۽ راجائي رياست رهيو آهي. هن ۾ قدرتي حُسن، وادين، ريگستانن، ٽڪرين، ساوڪ، ٽر ۽ بر سڀ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هي سنڌ جي ٿر سان ملي ٿو. ان ڪري سنڌي ماڻهو وڏي تعداد ۾ آباد آهن. جيڪي گهڻو ڪري واپاري آهن. باڙ مير، جيسلمير، اُڏيپور، جوڌپور، اجمير ۽ راڄڌاني جئپور سان اسان جا گهرا ثقافتي لاڳاپا رهيا آهن. جئپور شهر جو باني سوائي جئه سنگهه بيو آهي، جيڪو شهري رٿابندي ڪندڙ سفارتڪار ۽ هڪ ستاره شناس حاڪم هو. هُن جئپور کي 1727ع ۾ تعمير ڪرايو. نئين طرز تي هن هي رٿا عمل ۾ آندي. ان جا قلعا، محل ۽ شهري عمارتون توڙي بازارون اهڙي رٿابنديءَ جا ثبوت آهن. جئپور کان اڳ راڄڌاني امبر ۾ هئي، جيڪا ٽڪر تي موجود آهي. بازارن ۽ محلاتن جي گلابي رنگ سبب جئپور کي گلابي شهر به سڏيو وڃي ٿو. جديد دنيا جون اعليٰ سهولتون هتي موجود آهن. اعليٰ عدالتون، گورنمينٽ سيڪريٽريٽ ڪاليج، يونيورسٽيون، ڪُشاده چوراها، جتي ڪنهن تي اندرا گانڌيءَ جو مجسمو لڳل هو ته ڪنهن تي وري گانڌي جي جو. گلابي شهر جي رٿابندي ۽ ڊزائيننگ راجا جئسنگهه جي حڪم تي وڌيا ڌر ڀٽا چاريه ڪئي ۽ قديم شاسترن موجب ڪيائين. چوڏاري وڏيون ديوارون ۽ قلعا تعمير ڪيا ويا. اهو انداز واديءَ مهراڻ جي قديم عمارتن ۾ موجود هو جنهن ۾ ٽڏڪار جو بندوبست به هو. 1876ع ۾ برطانيه جي ولي عهد جي جئپور ۾ اچڻ تي شهر کي گلابي رنگ ڪيو ويو هو. اهو سلسلو اجان تائين قائم آهي. عمارتن ۾ شاهي محلات ۽ قلعن کان سواءِ ميوزيم، هوٽل ۽ ٻيون سهولتون به موجود آهن. حوا محل: هي پنج ماڙ عمارت هئي، اسان کي ڪنهن ٻڌايو ته ٻن ڏينهن کان اُتي ڪنهن فلم جي شوٽنگ جاري آهي، ان لاءِ اميتاڀ بچن ۽ ٻيا اداڪار آيل آهن. هي پنج ماڙ عمارت آهي. هن محل کي مهاراجا پرتاب سنگهه 1799ع ۾ تعمير ڪرايو. مٿين پنجين ماڙ گولائيءَ تي ٽهيل آهي. 152

دريون ۽ بالڪنيون آهن. هي راجپوت راڻين ۽ ٻين شاهي محل جي عورتن لاءِ ٺهرايو ويو هو. جيئن پردي ۾ رهي ٻاهر جو نظارو ڪري سگهجي. ٻي هڪ اهم ڳالهه ته انڊيا جو ڪلچر ڊپارٽمينٽ انتهائي تعريف جي قابل آهي، واهه جي سار سنڀال ٺيل هئي قديم آثارن جي. اُنهن جي صفائي سُٺرائي، ڪنسرويشن ۽ پرزرويشن جو خيال رکيل هو. اُن مان لڳو ڪين تاريخ سان ڪيترو پيار آهي. اسان وٽ ته موهن جي دڙي جهڙي قديم آثارن ڪي صحيح نموني نٿو سنڀالجي جو هتان جي نوادرات جي چورين جو معمول بڻيل آهي. سٽي پئليس: رام اغ، شيش محل ۽ جل محل سميت ٻيا بہ محل آهن. انهن ڪي تفصيل سان ڏسڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هڪ پورو ڏينهن گهرجي ها، جيڪو اسان وٽ نہ هو. جل محل هڪ وسيع تلاءَ جي وچ ۾ ٺهيل آهي. ان جي عمارت پري کان ڏسي سگهياسين. ٻيون عمارتون جيڪي پري کان ڏٺيون سين يا جتان گُزرندا وياسين، اهي هي آهن: جئگڙهہ قلعو گالتا مندر، گئٽر، ڪنڪ وندراون، مهاراني ڪي ڇتري، نهار ڳڙهہ ڊنڊ ۽ سمودي محل وغيره. راجستان جي مردن توڙي عورتن جي لباس جا رنگ گهڻو ڪري گهرا ٿين ٿا، جن ۾ گهڻو ڪري سوسي ۽ چُنري پاتي وجي ٿي. سنڌ توڙي هند ۾ جيڪي رنگ چٽا آهن، اهي راجستان جا آهن. راجستان جي شهرن ۾ جئپور پهريون نمبر شهر آهي، جنهن ڪي ڍؤ تي ڏسڻ لاءِ تمام گهڻو وقت هجڻ ضروري آهي، جيئن اطمينان ۽ سڪون سان هن شهر جي تاريخ جو مطالعو ڪري سگهجي. پوءِ بہ آءٌ سندر يادون ساڻ کڻي آيس.

# دهليءَ ڏانهن واپسي

3 آڪٽوبر 2005ع تي جئپور مان بس ذريعي دهليءَ روانگي ٿي. روڊ ڪُشادو نهايت اعليٰ درجي جو هو ان ڪري سفر سؤلو رهيو. رستي ۾ هڪ وسيع (ڍاٻو) دُڪان/ ريسٽورنٽ هو جتي لهي سڀني ڪجهه نہ ڪجهه کاڌو. جئپور کان ڇهه ڪلاڪ سفر ڪري رات جو اٺين وڳي دهليءَ پهتاسين. هوٽل بي ڪانٽينينٽل پهچي خبر پئي تہ اسان مان ڪجهه ماڻهن کي ٻي گهٽيءَ ۾ موجود هوٽل شفٽ ڪيو اٿائون. بي ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ اسان اڳ ئي اسٽور ۾ ڪجهه سامان رکائي وياسين. سڀني پنهنجو پنهنجو سامان هٿ ڪيو. ٻي هوٽل ڏانهن شفٽ ٿيڻ ۾ ڪافي پريشاني ٿي. هي دهليءَ ۾ اسان جي آخري رات هئي. رات جو ئي پئڪنگ جو ڪم مڪمل ڪري سڀ مليل تُحفا سنڀالي محبتن سان جهوليون ڀري هند جي سنڌين سان هڪ نئون رشتو جوڙي صبح جو سنڌ ورڻو هو. ان کان اڳ صبح جو هندستان جي وزيراعظم من موهن سنگهہ اسان کي نيرن تي دعوت ڏيئي گهرايو هو.

وزيراعظم سان ملاقات لاءِ وزيراعظم هائوس روانا ٿياسين. ڏهين وڳي کان اڳ ۾ مين گيٽ تي پهتاسين. اُتان ملاقات واري ڇپري تائين سيڪيورٽي انتظام جيڪي تمام سخت هئا، پار ڪندا ٻنهي پاسي پيپل ڪرسين تي نالن جي ترتيب

سان ويناسين. مان سنڌ جي سوکڙي اجرڪ کڻي آئي هيس ۽ ڪئميرا بہ پر سيڪيورٽي وارن پاڻ وٽ رکي ڇڏيا, جيڪي واپسيءَ مهل موٽائي ڏنائون.

پوري ڏهين وڳي ڊاڪٽر  من موهن سنگهہ ٻن ماڻهن سان گڏ هائوس جي پراڻي عمارت مان لان ٽپي اسان واري ڇپري ۾ آيو. دادا سُريش ڪيسواڻي هرهڪ سان ملائي, اسان جا مختصر تعارف ڪرائيندو ويو. مون ڊاڪٽر من موهن سان راجيو گانڌيءَ جو زڪر ڪيو. چيومانس, "راجيو جي اسان جو پسنديده سياستدان هو." ان تي خوش ٿي وراڻيائين, "مون کي اهو ٻُڌي خوشي ٿي آهي تہ پاڪستان جا نوجوان اسان بابت ڄاڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا." ان کانپوءِ اسان ٻن گروپن ۾ ڊاڪٽر من موهن سنگهہ سان گروپ فوٽو ڪڍرايا. ان کانپوءِ ٻي شيڊ ۾ اسان لاءِ ناشتو لڳل هو. ان جي دعوت ڏيئي اسان کان معذرت گهُري هليو ويو.

اسين سڀ ناشتي ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وياسين. ڊاڪٽر من موهن سنگهہ اڇي کاڌيءَ جي ڪُرتي شلوار ۾ ملبوس هو. مٿي تي هلڪي بليو ڪلر جي پڳ ٻڌل هيس. رنگ جو اڇو هو ۽ چهري تي سافٽ مرڪ هيس. هو شخصي طور ڏاڍو سافيسٽيڪٽيڊ لڳو. PM هائوس مان ٻاهر نڪري مان ۽ ماهين شري ڪانت پاڻيا ۽ ان جي پتني سپيتا سان گڏجي شاپنگ لاءِ وياسين. ان دؤران دهليءَ ۾ ميٽرو تي چڙهڻ جو موقعو مليو. جيڪا تازو روس جي مدد سان دهليءَ ۾ جديد سواريءَ جي سهولت لاءِ آندي وئي آهي. ميٽرو جو سڄو سسٽم يورپ جيان انڊر گرائونڊ هو. نہ ٽريفڪ جي پريشاني نہ سگنل جو ٽينشن. چند منٽن ۾ شهر جي هڪ ڪُنڊ کان ٻي تائين بنا دير ماڻهو پهچيو وڃن. شاپنگ کانپوءِ اُمالالہ جي جي گهر وياسين. ساڻن ڪچهري ڪري ڏاڍو مزو آيو. پوءِ شهناز حُسين وٽان ڪجهہ ڪريم وٺڻا هئا, اهي ورتا. آخر ۾  شري ڪانت جي گهر اچي چانهہ پيتي. پوءِ سپيتا جي ۽ شري ڪانت سان گڏجي هوٽل پُهتاسين. شام جو اسان جي الوداعي تقريب هئي, جنهن ۾ خوشي لالاڻي "مان سنڌي آهيان" ڊرامو پيش ڪيو. هي اسٽيج ڊرامو واهہ جو هو. ان جو اسڪرپٽ ڪجهہ هيئن هو: هڪ سنڌي ڪٽنب جيڪو آمريڪا ۾ رهي ٿو. ڪين هڪ ڌيءُ ۽ هڪ پُٽ جو اولاد آهي. سندن اسڪول ۾ ڊانس جو مقابلو ٿو ٿئي, جنهن ۾ هو حصو وٺي ٿي. ٻيون شاگردياڻيون بہ ان مقابلي ۾ حصو وٺن ٿيون. سيئي پنهنجي ڪلچرل ڊانس ڪن ٿيون پر ڪومل انگريزي ڊانس ٿي ڪري ۽ چوي ٿي تہ مان سنڌياڻي آهيان پر هو مقابلو هارائي ٿي وڃي. گهر اچي ماءُ کان پُڇي ٿي, "ڇا مان سنڌي آهيان؟" ماڻس وراڻي

ٿي، ”ها.“ پڇي ٿي، ”ڇا اسان جي ڪا تاريخ آهي؟ ڪو ڪلچر ۽ ثقافت آهي؟“ ماڻس ڪيس سنڌ جي تاريخ ۽ سڀيتا بابت ٻڌائيس ٿي. ان تي ڪومل وراڻي ٿي، ”پوءِ مان ڇو اڻ واقف آهيان انهن سڀني ڳالهين کان ۽ ڪير سيکاريندو اهو سڀ ڪجهه مون کي.“ ماءُ وراڻيس ٿي، ”تنهنجي ناني جيڪا سنڌ ۾ رهي ٿي، تون ايندڙ وئڪيشن ۾ ٻه مهينا ان وٽ هلي وڃ، وڃي پنهنجي صدين جي ريتن، رسمن، شادين مرادين جا طور طريقا پنهنجي ڊانس سڀ سکي اچ.“ ڪجهه ئي ڏينهن ۾ هوءَ پنهنجي ناني وٽ سندس اباڻي ڳوٺ اچي وڃي ٿي. سڀ کان پهرين ناني ڪيس سنڌي ڳالهائڻ سيکارڻ شروع ڪري ٿي. پوءِ ريتون رسمون، مٽ مائٽن جي شادين ۾ وٺي وڃيس ٿي. ٻن مهينن کان پوءِ ڪومل آمريڪا واپس وڃي پنهنجي اسڪول جي فنڪشن ۾ ڊانس ڪري سڀني کي حيران ڪري ڇڏي ٿي. ڪيس پهريون نمبر ملي ٿو ۽ ڊرامو پُڄاڻيءَ تي پهچي ٿو.

اسٽيج ڊرامي کان پوءِ اسان کي تعارف ڪرائي هڪ هڪ کي اسٽيج تي گهرائي سنڌي اڪيڊمي دهليءَ پاران قطب مينار جو يادگار تحفي ۾ ڏنو ويو. اٿين اهو آخري فنڪشن پورو ڪري آخري رات جي ماني ڪائڻ لاءِ سُريش ڪيسواڻي جيءَ جي گهر پهتاسين. ان دعوت ۾ پارت جو دفاع جو وفاقي وزير شري گيهاڻي صاحب، سڀ فنڪار ۽ ٻيا معزز مهمان شريڪ هئا. ماني کائي هند ۽ سنڌ جي فنڪارن کي سُر وکيريندي ٻُڌوسين. سڀئي مهمان سنڌي موسيقيءَ مان لطف اندوز ٿيندا رهيا. ذوالفقار علي، مظهر حسين، صادق فقير ۽ برڪت عليءَ محفل مچائي. ماني کائي سڌا هوٽل آياسين.

مون گهر فون ڪري واپسيءَ جو وقت ۽ فلائيٽ نمبر ٻڌايو. گهر وارا ڏاڍو خوش ٿيا. صبح جو تيار ٿي سامان کڻي بس ۾ سوار ٿي ايئرپورٽ لاءِ نڪتاسين ته وينا شرنگي ۽ شالني ساگر رسيپشن تي مليا. انهن تحفا ڏنا.

# سنڌ واپسي

سيني کان  خوشي خوشي موڪلايو پر جڏهن دادا سُريش ڪيسواڻي ۽ دادا لڇمڻ ڪومل کان موڪلايو تہ اک ڀرجي آئي. هي بہ ماڻهو سڄي سفر ۾ اسان سان هر لمحو گڏ هئا. پوءِ اهو سفر جهاز جو هجي، توڙي بس ۽ ٽرين جو پر هنن ڪي پورن ٻاويهن ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو بہ منهن خراب ڪندي نہ ڏٺوسين. هر پل مرڪندا اسان جي هر ضرورت، سفر جون سهولتون پاڻ خوشيءَ سان نڀائيندا رهيا. ايئن شري ڪانت بہ اسان جو ڏاڍو خيال رکيو. رينو ادناڻي ۽ اُما لالہ جيءَ جي محبتن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪريان.

انڊيا جي ان سفر ۾ ميل ملاقاتن جو سلسلو ختم ڪري دادا سريش ڪيسواڻيءَ کان موڪلايم تہ مرڪندي چيائين، "تون تہ منهنجي ڏيءَ آهين لاڙڪاڻي واري ، هتي رهي پؤ." مان مرڪي پيس. مون ڏٺو تہ دادا جون بہ اکيون ڀريل هيون. اهو منظر حسين شاهہ راشديءَ پنهنجي ڪئميرا جي فوٽو ۾ قيد ڪري ورتو. جهاز ۾ اچي چڙهياسين. عجيب سفر هو. واپسيءَ مهل هڪ هڪ لمحو ذهن جي ڪينواس تي چٽو ٿيندو ويو. جيڪي پيار جا موتي هڪ هڪ ڪري اسان انڊيا جي ننڍين وڏن شهرن ۾ مليل سنڌين سان چونڊيا يا هو پاڻ اسان کي ارپيندا ويا، اهي هڪ مالها ٺهجي ويا هئا. اهي محبتون وچوڙي جو درد جنهن کي اسان ڪتابن، سُندري اُتم چنداڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ پڙهيو هو اڄ اسان اُنهن سان سامهون ملي آياسون. ڪڏهن اهي  اسان جي اوسيئڙي ۾ ويٺل اسي سالن جي گنگا دادي جي اکين مان نير ٺهجي وهي پيا، هو منهنجا هٿ چُمندي رهي، مون کي

پاڪر ۾ پيري سنڌ جي سڳنڌ محسوس ڪندي رهي. اهو يادن جو سهڻو سفر جيڪو مون لاءِ زندگيءَ جي هڪ اهم حاصلات مان هڪ آهي، ڪڏهن نہ وسرندو، جيسين مان آهيان، جيسين دنيا جي ڪنهن بہ ڪُنڊ ۾ هڪ بہ سنڌي آهي، اهو محبتن جو سلسلو سدائين قائم رهندو.